REG NO. 3833

ABC Certified

روزاني

سنڌيار

ايڊيٽر: اعجاز مهر

سکر

www.dailysindhyar.com

sindhyarskr@gmail.com

(جلد 02) آچر31 مارچ 2024 ع بمطابق20 رمضان المبارڪ1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو:306

وفاقي ڪابينا خط جي معاملي تي انڪوائري ڪميشن جوڙڻ جي منظوري ڏني ۽ اڳوڻي چيف جسٽس تصدق حسين جيلاني کي ڪميشن جو سربراهه نامزد ڪيو ويو: پڌرائي

وفاقي ڪابينا پاران ججن جي خط تي ڪميشن قائم، ايگزيڪيوٽو جي مداخلت جو الزام نامناسب قرار

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ وفاقي ڪابينا جو اجلاس، اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي 6 ججن جي خط تي انڪوائري ڪميشن جوڙڻ ۽ انڪوائري ڪميشن جا ٽي او آرز منظور ڪيا ويا

وفاقي ڪابينا انڪوائري ڪميشن جي ٽي او آرز جي به منظوري ڏني، جنهن تحت انڪوائري ڪميشن ججن جي خط ۾ لاڳو الزامن جي مڪمل جاچ ڪندي ۽ پتو لڳائيندي ته اهي الزام درست آهن يا نه؟

ٽي او آرز ۾ اهو به شامل آهي ته انڪوائري ڪميشن پتو لڳائيندي ته ڇا ڪو اهلڪار سڌي ريت مداخلت ۾ ملوث هو؟ ڪميشن کي انڪوائري دوران ڪنهن ٻئي معاملي جي به جاچ ڪرڻ جو اختيار هوندو

اڳوڻو چيف جسٽس تصدق حسين جيلاني ڪميشن جو سربراهه هوندو، ڪميشن جاچ ڪري حقيقتن جي بنياد تي ڪنهن ايجنسي، ڪاتي يا حڪومتي اداري خلاف ڪارروائي تجويز ڪندي

ڪابينا 6 ججن جي خط ۾ ايگزيڪيوٽو جي مداخلت جي الزام کي نامناسب قرار ڏنو ۽ چيو ته دستور پاڪستان ۾ طئي ڪيل ٽن رياستن ادارن ۾ اختيارن جي ورهاست جي اصول تي پختو يقين رکون ٿا

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي ڪابينا اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي 6 ججن جي خط تي انڪوائري ڪميشن جوڙي ڇڏي ۽ گڏوگڏ انڪوائري ڪميشن جا ٽي او آرز به منظوري ڪيا ويا. وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا اجلاس ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي 6 ججن جي خط جي معاملي تي غور ڪيو ويو. پڌرائيءَ موجب وفاقي ڪابينا خط جي معاملي تي انڪوائري ڪميشن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف وفاقي ڪابينا جي اجلاس جي صدارت ڪندي

وفاقي حڪومت ٻين صوبن کي نوان پراجيڪٽ ڏنا پر سنڌ کي نظرانداز ڪيو، وفاقي حڪومت ٻوڏ متاثرن جي گهرن لاءِ جيڪي فنڊز رکيا هئا اهي اڃا تائين جاري ناهن ٿيا: وڏو وزير

وفاقي حڪومت سنڌ کي نظرانداز ڪيو آهي، وڏي وزير جي ناڻي واري وفاقي وزير سان شڪايت

گذريل 8 سالن کان سنڌ کي پي ايس ڊي پي ۾ ڪو نئون پراجيڪٽ ناهي مليو، 2015 ۾ ايف بي آر گاڏين جي رجسٽريشن جي مد ۾ 6 بلين رپين جي ڪٽوتي ڪئي

تازوئي وفاقي حڪومت ڪل 13.4 بلين رپين جي ڪٽوتي ڪئي آهي، جنهن مان 8.2 بلين رپيا حيسڪو ۽ 5.2 بلين رپيا سيپڪو جي بلن مان ڪٽيا ويا آهن

سنڌ حڪومت هميشه بجلي جا بل وقت تي ادا ڪيا آهن ۽ جيڪڏهن بقايا جو ڪو مسئلو آهي ته ان کي حل ڪرڻ جي ضرورت آهي، وفاقي حڪومت کي ان معاملي تي ايٽ سورس ڊيڊڪشن بدران بحث ڪرڻ گهرجي ها

وفاقي ۽ صوبائي ادارن کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو، هڪ ٻئي جي صلاحيتن مان سکڻ، ترقيءَ لاءِ هڪ ٻئي جو ساٿ ڏيڻ ۽ اجتماعي بهتري ۽ ترقيءَ لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو

صنعتي گئس جي اگهن ۾ واڌ سبب صنعتڪار سخت پريشان آهن، فصل جي پيداوار کي بهتر بڻائڻ لاءِ نئين ٽيڪنالاجي متعارف ڪرائڻ تي ڪم ڪري رهيا آهيون: ناڻي واري وفاقي وزير سان ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ ناڻي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب پرڏيهي سيڙپڪاري کي هٿي وٺرائڻ ۽ برآمدات وڌائڻ لاءِ تعاون ڪرڻ تي اتفاق ڪيو آهي، جنهن سان صوبي ۽ ملڪ جي مالي استحڪام ۾ به اضافو ٿيندو اهڙن خيالن جو اظهار هنن چنڊ ڏيٺهن وزيراعليٰ هائوس ۾ پنهنجي اڳواڻي وچ ۾ ملاقات دوران ڪيو. اجلاس ۾ سنڌ جي وڏي وزير جو پرنسپل/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ڪراچي: سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان وفاقي وزير محمد اورنگزيب ملاقات ڪندي

ججز خط معاملو: حامد خان چيف جسٽس جي سربراهي ۾ ڪميشن ٺاهڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

سپريم ڪورٽ جيڪڏهن رٽائرڊ ججز کي ڪميشن ٺاهڻ جو چيو آهي ته اها تاريخي غلطي ڪئي وئي آهي: حامد خان

فل ڪورٽ جو فيصلو آيو آهي ته ڪميشن ٺاهيو وڃي اسان ان تي عمل ڪري رهيا آهيون: عطا تارڙ

اسلام آباد (م ڊ) تحريڪ انصاف جي اڳواڻ حامد خان اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ججز جي خط جي معاملي تي رٽائرڊ ججز جي سربراهي ۾ ڪميشن ٺاهڻ جو حڪومتي فيصلو رد ڪري ڇڏيو. نجي چينل سان ڳالهيون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

گرفتار دهشتگردن جا ماسڪو حملن بابت ڇرڪائيندڙ انڪشاف

جوابدارن سان يوڪرين پهچڻ تي انعام ڏيڻ جو واعدو ڪيو ويو هو: جاچ ٽيم

کين هدايت ڏني وئي هئي ته حملو ڪري روس يوڪرين سرحد طرف وڃو

ماسڪو (م ڊ) روس جي گاديءَ واري شهر ماسڪو جي ڪراڪس سٽي هال تي حملو ڪندڙ گرفتار دهشتگردن کان پڇاڳاڇا جو عمل جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

9 مئي سانحي ڪيسن جو پهريون فيصلو، 51 جوابدارن کي 5-5 سال قيد جو حڪم

گوجرانوالا جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت جي عورت جج 9 مئي جي ڪيس ۾ ملوث جوابدارن کي دهشتگردي جي ٽن قلمن تحت سزا ٻڌائي

جوابدارن کي روڊ بلاڪ ڪرڻ، ملڪيتن کي نقصان پهچائڻ، ماڻهن کي گڏ ڪرڻ سميت ٻين قلمن تحت سزا ٻڌائي وئي

پي ٽي آءِ جي ٽڪيٽ هولڊرن سميت 23 نامزد ۽ 300 کان 400 اڻڄاتل ماڻهن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

گوجرانوالا (م ڊ) ملڪ ۾ 9 مئي واقعن جي ڪيسن جو پهريون فيصلو گوجرانوالا ۾ ٻڌايو ويو دهشتگردي ٽوڙ عدالت جي عورت جج سينٽرل جيل ۾ 9 مئي جي ڪيس ۾ ملوث 51 جوابدارن کي دهشتگردي جي ٽن قلمن تحت 5-5 سال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪي پي ۾ سينيٽ چونڊ ملتوي ڪرڻ جو اليڪشن ڪميشن جو فيصلو عدالت ۾ چئلينج

پي ٽي آءِ اڳواڻ اعظم سواتي جي وڪيل علي عظيم آفريدي ايڊووڪيٽ پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست جمع ڪرائي

خيبر پختونخواهه ۾ سينيٽ چونڊون ملتوي ڪرائڻ غيرقانوني آهي، اليڪشن ڪميشن اميدوارن کي بلا مقابلا ڪامياب قرار ڏيڻ بنا فيصلو جاري ڪري ڇڏيو

اليڪشن ڪميشن جي فيصلي سان سينيٽ جو چونڊ عمل متاثر ٿيندو ۽ سينيٽ چونڊون وقت سر يقيني بڻائڻ اليڪشن ڪميشن جي ذميواري آهي

پشاور: وفاقي وزير محسن نقوي شهيدن جي يادگار تي دعا گهري رهيو آهي

پشاور (م ڊ) خيبر پختونخواهه اسيمبلي ۾ مخصوص سيٽن جي ميمبرن کان حلف نه وٺڻ تي سينيٽ چونڊون ملتوي ڪرڻ جي معاملي تي اعظم/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

پي ٽي آءِ اڳواڻ شير افضل مروت جو ججن تي معاملي تي انڪوائري ڪميشن کي چئلينج ڪرڻ جو اعلان

اسلام آباد (م ڊ) تحريڪ انصاف اڳوڻي چيف جسٽس تصدق جيلاني جي سربراهي ۾ قائم انڪوائري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

سنڌ سرڪار ۽ جاپان پاران انفارميشن ۽ ٻين مختلف شعبن ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ تي اتفاق

وڏي وزير سان جاپان جي سفير جي ملاقات، سکر ۾ ميٽرولاجيڪل ريڊار سسٽم لڳائڻ واري پراجيڪٽ تي غور ويچار

موسمي تبديلين جي ڪري زرعي ٽيڪنالاجي گائيڊنس پراجيڪٽ جي ضرورت آهي: وڏو وزير مراد علي شاهه

اسان چاهيون ٿا ته سنڌ جون زرعي جنسون جاپان ايڪسپورٽ ڪيون وڃن، جاپان ۾ انب، ڏيٿون ۽ ٻين ميون جي مارڪيٽ آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ سرڪار ۽ جاپان پاران انفارميشن ۽ ڪميونيڪيشن ٽيڪنالاجي جي مختلف شعبن ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ تي اتفاق، سکر ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

لاهور: وفاقي وزير عطا تارڙ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

اسان کي پنجن سالن ۾ پاڪستان جي معيشت کي تبديل ڪرڻو آهي: شهباز شريف

لاهور (م ڊ) وزيراعظم محمد شهباز شريف ڪابينا سان گڏ ان عزم جو اظهار ڪيو آهي ته اسان کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڪسان ڪارڊ تي نواز شريف جي تصوير لڳائڻ وارو قدم لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج

مشڪور حسين نالي هڪ شهري وڪيل ذريعي هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرائي

عوامي فنڊ ذاتي مشهوريءَ لاءِ استعمال نه ٿا ڪري سگهجن: درخواست ۾ موقف

لاهور (م ڊ) ڪسان ڪارڊ تي نوازليگ جي سربراهه ميان نواز شريف جي تصوير لڳائڻ وارو قدم لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيو ويو. مشڪور حسين نالي هڪ شهري وڪيل ذريعي هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرائي ڇڏي. درخواست/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

خادم رند بدلي، عمران يعقوب ٻيو ڀيرو ڪراچي پوليس چيف مقرر

خادم حسين رند کي ايڊيشنل آءِ جي آپريشنز سنڌ مقرر ڪيو ويو

عمران يعقوب منهاس ايڊيشنل آءِ جي سي ٽي ڊي جي عهدي تي هو

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي پوليس چيف خادم حسين رند جي بدلي ڪئي وئي، خادم حسين رند کي ايڊيشنل انسپيڪٽر جنرل (آءِ جي) آپريشنز سنڌ مقرر ڪيو ويو ۽ نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي ته عمران يعقوب منهاس ايڊيشنل آءِ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

سنڌ ۾ پاڻي کوٽ ڪانپوءِ ڏڪار واري صورتحال، بيمارين جو خدشو

سنڌو درياهه ۾ ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم کان هيٺ پاڻي نه ڇڏيو ويو، پاڻي زهريلو ٿي ويو

حيدرآباد، ٽنڊو محمد خان، بدين، ٺٽي ۽ سجاول سميت لاڙ جي ٻين شهرن ۾ آبادي خطري هيٺ

ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم ۾ واري اڏامي رهي آهي جڏهن ته ٽرالرن زريعي مڇي ڪٺائي پئي وڃي

ڪراچي (نمائندو وٽان) سنڌ کي پنهنجي حصي جو پاڻي ناهي ملي رهيو ۽ سنڌو درياهه ۾ ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم کان هيٺ پاڻي ناهي ڇڏيو ويو، ان جي ڪري درياهه جو پاڻي زهريلو ٿي ويو آهي. زهريلو واپرائڻ جي صورت ۾ وڏي انساني الميي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪراچي: گورنر ڪامران ٽيسوري پاڪ ترڪ اسڪول جي دوري دوران ٻارن سان ملندي

آمريڪا امداد نه ڏني ته يوڪرائني فوج کي پوئتي هٽڻو پوندو: زيلنسڪي

ماسڪو (م ڊ) روس خلاف ڪاميابي ماڻڻ جي خواهشمند يوڪرائني صدر زيلنسڪي کي جنگ ۾ شڪست نظر اچڻ لڳي آهي، سندس چوڻ آهي ته آمريڪا امداد نه ڏني ته يوڪرائني فوج کي پوئتي هٽڻو پوندو زيلنسڪي آمريڪي اخبار کي انٽرويو ڏيندي چيو ته جيڪڏهن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

راڻا ثناءُ الله کي پنجاب ۾ اهم ذميواري ڏيڻ جو فيصلو

نوازليگ پاران سينيٽ چونڊن ڪانپوءِ پنجاب ڪابينا ۾ واڌ جو فيصلو

قيادت مشاورت مڪمل ڪري ورتي، منشا الله ۽ ايوب خان به ڪابينا ۾ شامل ٿيندا

لاهور (م ڊ) اڳوڻي گهرو وزير راڻا ثناءُ الله کي پنجاب ۾ اهم ذميواري ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب ن ليگ سينيٽ چونڊن ڪانپوءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ملير کي پيپلز پارٽي ٺاهيو آهي، شهرين کي سهولتون ڏينداسين: مرتضيٰ وهاب

ميئر ڪراچي ملير ۾ اسپورٽس گرائونڊ، پبلڪ پارڪس سميت مختلف رٿائن جو افتتاح ڪري ڇڏيو

بلديه عظميٰ ڪراچي پاران ماضي ۾ هن علائقي تي ڌيان نه ڏنو ويو هو، ترقياتي رٿائون مڪمل ڪيون آهن: ميئر

اسان کي ووٽ عوام جي وچ ۾ رهڻ جي ڪري ملندا آهن، سمورين ترقياتي رٿائن کي مڪمل ڪري شهرين کي سهولتون ڏينداسين

ڪراچي (رپورٽر) ميئر ڪراچي ملير ۾ اسپورٽس گرائونڊ، پبلڪ پارڪس سميت مختلف رٿائن جو افتتاح ڪري ڇڏيو سندس چوڻ هو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: ميئر مرتضيٰ وهاب گزري پوليس اسٽيشن ۾ ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر جو افتتاح ڪندي

سپريم ڪورٽ بار پاران انڪوائري ڪميشن جي سربراهي جسٽس (ر) تصدق جيلاني کي ڏيڻ تي اعتماد جو اظهار

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ بار ججن جي خط تي جاچ لاءِ حڪومت طرفان جوڙيل انڪوائري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

پي آءِ اي جي نجڪاري ۾ موجود سمورين رنڊڪون ختم

پي آءِ اي جي واپاري قرض جي حوالي سان ڳالهيون ڪاميابي سان مڪمل

ڪمرشل مقامي قرض پي آءِ اي هولڊنگ ڪمپني لميٽڊ کي منتقل ڪيو ويندو

اسلام آباد (م ڊ) حڪومت مقامي بينڪن ۾ ترقياتي ماليات ادارن پي آءِ اي جي واپاري قرض جي حوالي سان ڳالهيون ڪاميابي سان مڪمل/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري جو حيدرآباد واسين لاءِ وڏو اعلان

ڪجهه ڏينهن ۾ آءِ ٽي ٽيسٽ حيدرآباد ۾ ٿيندي، سمورا ماڻهوان ۾ رجسٽرڊ ٿين

چاهيان ٿو ته 15 کان 20 لک مهينو ڪمائڻ جو ڏينهن اچي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري حيدرآباد جي شهرين کي آئي ٽي ڪورس ڪرائڻ جو اعلان ڪيو آهي. ميڊيا سان ڳالهائيندي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اسلام آباد: وزيراعظم يوٿ پروگرام جي ڪوآرڊينيٽر رانا مشهود اجلاس جي صدارت ڪندي

سنڌ هاءِ ڪورٽ جو مڪاني ادارن جي اختيارن جا تفصيل پيش ڪرڻ جو حڪم

ڪي ايم سي، ايم ڊي اي، ڪچي آبادي اٿارٽي ۾ رابطي جو نظام ناهي: عدالت جا ٻڌڻيءَ دوران ريمارڪس

ڪچي آبادي اٿارٽي سنڌ حڪومت تحت ڪم ڪندي آهي، ڪچي آبادي اٿارٽي جا اختيار به واضح ناهن

عدالت مڪاني ادارن جي سيڪريٽري، سينيئر ميمبر بورڊ آف روينيو کي ذاتي حيثيت ۾ طلب ڪري ورتو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ مڪاني ادارن جي اختيارن، مڪينزم جا تفصيل پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ غيرقانوني اڏاوتون ڪيرائڻ بابت ڪيس جي ٻڌڻي ٿي، عدالت ٻڌڻي دوران ريمارڪس ڏنا ته ڪي ايم سي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

پي آءِ اي انتظاميا پاران نجڪاري کان اڳ اسپيئر پارٽس وڪرو ڪرڻ جو فيصلو

ڪروڙين رپيا ماليت جي مختلف ڪيٽيگرين جي جهازن جا واڌو اسپيئر پارٽس وڪرو ڪيا ويندا

بوئنگ 737، بوئنگ 707، فوڪر ۽ سيسنا جهازن جي واڌو پرزن جي وڪري لاءِ ٽينڊر جاري ڪيو ويو

انهن جهازن جا واڌو پرزا ڪيترن ئي سالن کان پي آءِ اي جي اسٽور ۾ موجود هئا، ٽينڊر ۾ حصو وٺڻ لاءِ آڇون طلب

ڪراچي (رپورٽر) قومي ايئر لائن (پي آءِ اي) انتظاميا نجڪاري کان اڳ اسپيئر پارٽس وڪرو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي ڪروڙين رپيا ماليت جي مختلف ڪيٽيگرين جي جهازن جا واڌو اسپيئر پارٽس وڪرو ڪيا ويندا، جهازن جي وڪرو ڪئي ويندڙ پرزن جا تفصيل به سامهون اچي ويا. پي آءِ اي انتظاميا بوئنگ 737، بوئنگ 707، فوڪر ۽ سيسنا جهازن جي واڌو پرزن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

خيرپور: 3 ٻارڙن جا لاش پيٽيءَ مان هٿ اچڻ واري واقعي جو ڪيس داخل، شروعاتي ميڊيڪل رپورٽ پڌري

فوتي ٻارن جي والد شاهنواز شيخ جي فرياد تي بي سيڪشن ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو، 3 مرد ۽ هڪ عورت نامزد

جوابدارن دشمني تحت تشدد ڪري قتل ڪرڻ بعد لاش پيٽي ۾ وجهي فرار ٿي ويا، ٻن ڏينهن جي ڳولا ڪانپوءِ لاش پيٽي مان مليا: والد

ننهي ٻارن جو موت صندوق ۾ ساهه منجهڻ سبب ٿيو، هڪ ٻار جي جسم تي تشدد جا نشان به هئا: ميڊيڪل رپورٽ

خيرپور (رپورٽر) خيرپور ۾ 4 ڏينهن اڳ ٽن ٻارڙن جا لاش پيٽي مان هٿ اچڻ واري واقعي جو ڪيس داخل ڪيو ويو، فوتي ٻارن جي والد شاهنواز شيخ جي فرياد تي بي سيڪشن ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو. جنهن ۾ جميل شيخ، ديدار/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪنهن به سياسي جماعت يا گروپ سان تعلق ناهي: بابر غوري

ڪراچي ۾ ڦرلٽ ۽ نوجوانن جي قتل جو فوري نوٽيس ورتو وڃي، محفوظ ۽ خوشحال ڪراچي پاڪستان جي ترقي جو رستو آهي

پوليس، ڊي جي رينجرز کي اپيل آهي ته جوابدارن خلاف فوري ڪارروائي ڪئي وڃي، صدر، وزيراعظم ڪراچي جي امن امان جو فوري نوٽيس وٺن

ڪراچي (رپورٽر) پورٽس اينڊ شپنگ واري اڳوڻي وفاقي وزير بابر غوري چيو آهي ته مان 5 کان 6 سال اڳ سياست تان هٿ کڻي چڪو آهيان، منهنجو ڪنهن به سياسي جماعت يا گروهه سان ڪو به تعلق ناهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

روس جي ملڪ ۾ دهشتگردي جي وڏي سازش ناڪام بڻائڻ جي دعوي

شڪي ماڻهن مان هڪ بم ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ هڪ ڪلو گرام ڪيلين خريد ڪيو هو

ڇاپو هڻي آءِ ڊي، ڪيميائي مواد ۽ تباهي پکيڙيندي مواد قبضي ۾ ورتو ويو

ماسڪو (م ڊ) روس جي ڳجهي سروس سينٽرل ايشيائي ملڪ جي ٽن شڪي دهشتگردن کي گرفتار ڪري ملڪ ۾ بم ڌماڪي جي وڏي سازش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

پارٽي سفير پاڪستان جي افطار ڊنر جي دعوت هوا ۾ اڏائي ڇڏي

افطار ڊنر ۾ شرڪت نه ڪرڻ سفارتي ادبن ۽ روايتن جي خلاف آهي

پارٽي سفارتڪار نه افطار ڊنر ۾ شرڪت ڪئي، نه معذرت ڪئي ۽ نه ڪو خط موڪليو

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان ۾ موجود پارٽي سفير دعوت ملڻ باوجود پاڪستان طرفان ڏنل افطار ڊنر ۾ شرڪت نه ڪئي. ذريعن موجب پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

پاڪستان کي آءِ ايم ايف کان 7 کان 8 ارب ڊالر نئون قرض ملڻ جي اميد

آءِ ايم ايف ڪلائميٽ فنانسنگ لاءِ ڳالهين جو به اشارو ڏئي ڇڏيو آهي: ناڻي واري وزارت جا ذريعا

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان کي عالمي مالياتي اداري (آءِ ايم ايف) کان 7 کان 8 ارب ڊالرن تائين نئون قرض پروگرام ملڻ جي اميد آهي. ذريعن موجب/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

هرنائي ۾ روڊ پرسان بم ڌماڪو، هڪ ڄڻو مارجي ويو، 14 زخمي

نجي گيس ڪمپني جي مزدورن جي گاڏي گذرڻ دوران روڊ ڪناري تي لڳل بم ڌماڪي سان ڦاٽي پيو

ڌماڪي جي نتيجي ۾ گاڏي به تباهه ٿي وئي، ڌماڪي جي زخمين کي ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو

ڪوئٽا (م ڊ) بلوچستان جي ضلعي هرنائي ۾ ڌماڪي جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو مارجي ويو جڏهن ته 14 زخمي ٿي پيا آهن. رپورٽ موجب پوليس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

هرنائي: سيڪيورٽي اهلڪار ڌماڪي واري جاءِ تي بيٺل آهن

ٽورنٽو ايئرپورٽ تي حراست ۾ ورتل پي آءِ اي ايئر هوسٽس ملڪ پهچي وئي، ملازمت تان معطل

ڪراچي (رپورٽر) ڪينيڊا جي ٽورنٽو ايئرپورٽ تي پابندي ٻيل شين جي برآمدگي تي حراست ۾ ورتل/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

احمد محمود بلال جي قيادت ۾ پلڊاٽ جي وفد جي چيف انفارميشن ڪمشنر ۽ انفارميشن ڪميشن سان ملاقات

ملاقات دوران چيف انفارميشن ڪمشنر ڊاڪٽر جاويد علي سول سوسائٽي پاران آر ٽي آءِ جي استعمال تي زور ڏنو

احمد محبوب بلال ڪميشن کي مختلف برادرين ۽ ماڻهن جي ڀلائي لاءِ پلڊاٽ جي مختلف منصوبن ۽ ڪنيل قدمن جي اهم خاصيتن کان آگاهه ڪيو

وفد شهرين ۽ حڪومت وچ ۾ امن ۽ ڳالهه ٻولهه کي هٿي وٺرائڻ لاءِ نامزد عهديدارن لاءِ تربيتي ورڪشاپ ڪرائڻ لاءِ ايس آءِ سي کان سهڪار جي درخواست ڪئي

ڪراچي: پلڊاٽ جو وفد چيف انفارميشن ڪمشنر سان ملاقات ڪندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ انفارميشن ڪميشن ۽ پلڊاٽ سنڌ صوبي ۾ ٽرانسپيرنسي اينڊ رائيٽ ٽو انفارميشن ايڪٽ 2016 جي حوالي سان عوام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

اسلام آباد، پشاور، گلگت بلتستان سميت ملڪ جي مختلف علائقن ۾ برسات، برفباري

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد، لاهور، پشاور، گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير سميت ملڪ جي مختلف/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

پهرين اپريل کان پيٽرول جي قيمت ۾ 9 روپيه 94 پئسا واڌ جو امڪان

پيٽرول جي قيمتن ۾ واڌ جو وڏو سبب آمريڪي ڪمپني موگاس طرفان پيداوار گهٽائڻ آهي

هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي عالمي مارڪيٽ ۾ طلب ۾ گهٽتائي، قيمت ۾ معمولي گهٽتائي جو امڪان

اسلام آباد (م ڊ) پهرين اپريل 2024 کان پيٽرول جي قيمت ۾ وڏي اضافي جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي جڏهن ته ڊيزل جي قيمت ۾ معمولي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي: پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪراچي ۾ قلم 144 جي تحت لغڙ اڏائڻ تي پابندي لاڳو

شهر ۾ لغڙ ٺاهڻ ۽ وڪرو ڪرڻ تي به پابندي لڳائي وئي، پابندي 29 مئي تائين برقرار رهندي: ڪمشنر ڪراچي

ڪراچي جي علائقي عزيز آباد ۾ 20 ورهين جو نوجوان لغڙ جي ڏور ڳلي تي ڦرڻ سبب زخمي ٿي پيو هو: ايس ايس پي سينٽرل

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ لغڙ جي ڏور سبب پيش ايندڙ نقصان کي نظر ۾ رکندي لغڙ اڏائڻ تي پابندي لڳائي وئي آهي، رپورٽ موجب ڪراچي جي ڪمشنر ٻڌايو ته قلم 144 جي تحت شهر ۾ لغڙ ٺاهڻ ۽ وڪرو ڪرڻ تي به پابندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

سکر ۾ متاثر خاندان پاران ٺڳين ڏينهن به عدالت پاهران رقم ٺڳيندڙ خلاف احتجاج

بااثر شخص اقبال انجم ڪان غريب آباد واري علائقي ۾ 90 لک رپين جو پلاٽ خريد ڪيو هو : متاثر

بااثر شخص پلاٽ ٻئي ماڻهو کي به وڪرو ڪري فرار ٿي ويو آهي صدمي ۾ والد ۽ ڏاڏي فوت ٿي ويا آهن

عدالت کي اپيل ٿا ڪريون ته نوٽيس وٺي پلاٽ جي رقم واپس ڪرائي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

سکر(بيورو رپورٽ) متاثر خاندان جو ٽئين ڏينهن به عدالت پاهران رقم ٺڳيندڙ خلاف احتجاج سنڌ هاءِ ڪورٽ پاهران شهرين رابعه پٺاڻ، صوبيه پٺاڻ، باز محمد ۽ ٻين ٽئين ڏينهن به احتجاج ڪندي ميڊيا جي نمائندن کي ٻڌايو ته سکر جي بااثر شخص اقبال انجم ڪان غريب آباد واري علائقي ۾ 90 لک رپين جو پلاٽ خريد ڪيو هو 60 لک موقعي تي ادا ڪيا هئا ان باوجود بااثر شخص /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سکر: متاثر رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪنڊڻ ۾ ڪاريا برادري جي روحاني پيشواسنت راوتا رام لاڏاڻو ڪري ويو

ڪنڊڻ (رپورٽ محرم علي) ڪاريا برادري جي روحاني پيشواسنت راوتا رام صاحب 80 سالن جي عمر ۾ ڪجهه وقت بيمار رهڻ بعد ديانت ڪري ويو جنهن جي آخري رسمن ۾ گادي نشين مهاراج نند لال صاحب سينئير صحافي ڪامريڊ منجي لال ماستر ڪيول رام پڪٽ نالا رام پڪٽ هريش پڪٽ پرت پڪٽ پنهون پڪٽ هرچند /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

بدين ۾ ڌاڙن، ڦرن ۽ چورين جي وارداتن جو ڪو جوابدار گرفتار نه ٿيو، احتجاج جاري

جوابدار هٿيارن جي زور تي اسپيئر پارٽس جي واپاري محمد سومرو جي دڪان ۾ داخل ٿي يرغمال ڪري ڦر ڪري ويا

ڪين يقين آهي ته بدين پوليس محمد سومرو جا جوابدار گرفتار ڪري سنڌس حق رسائي ڪرائي ويندي : اڳواڻ

غني عباسي جي 32 لک جي ڦر ۽ سنڌس مينجر مٿان فائرنگ جو واقعو انتهائي خطرناڪ هو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين شهر ۾ گذريل ڪجهه هفتن ۾ لڳل ڌاڙن ڦرن چورين جي اڌ درجن وارداتن جو ڪو جوابدار گرفتار نه ٿيو شهرين جي احتجاج ڪانهوءِ ڦر جي پهرين ايف آءِ آر داخل تفصيل موجب بدين شهر ۾ ڦرن ڌاڙن جي وارداتن جا واجهان ٽائين ڪو به جوابدار گرفتار نه ٿيو آهي سول اسپتال روڊ تي تقريبن 13 ڏينهن اڳ ٻن موٽر سائيڪلن تي سوار ڌاڙيلن هٿان هٿيارن جي زور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ٺٽي پرسان ٻاهڙا اسٽاپ وٽ پوليس ۽ جوابدارن وچ ۾ فائرنگ

پوليس پارن هڪ جوابدار جنهن جي سڃاڻپ نور محمد ولد محمد عمر سومرو ڪي گرفتار ڪيو ويو

جوابدار موٽر سائيڪلن جي چوري سميت مختلف ڏوهن ۾ ملوث آهي وڌيڪ ڪيس جي جاچ جاري آهي : پوليس

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي پرسان ... آهي. ايس ايڇ او گهارو سب انسپيڪٽر ... ترجمان پنهنجي هڪ بيان جاري ڪندي ٻڌايو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

دادو ۾ انجمن تاجران جي نئين واپارين تنظيم جي قيام جو اعلان ڪري ڇڏيو

انجمن تاجران دادو جا عهديدار به چونڊيا ويا، محمد امين جمالي صدر، غلام حسين پنهور سينيئر نائب صدر مقرر

اجلاس ۾ عبدالرشيد برڙو نائب صدر، غلام النبي لغاري جنرل سيڪريٽري چونڊيا ويا

هي پليٽ فارم ۾ واپاري دڪاندار لاءِ انهن جي ڏک سک ۾ ساٿ ڏيڻ جو عهد ڪيون ٿا : اڳواڻ

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ انجمن تاجران جي نئين واپارين تنظيم جي قيام جو اعلان ڪري ڇڏيو انجمن تاجران دادو جا عهديدار به چونڊيا ويا محمد امين جمالي صدر، غلام حسين پنهور سينيئر نائب صدر، عبدالرشيد برڙو نائب صدر غلام النبي لغاري جنرل سيڪريٽري، محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڪي اين شاهه جي قبرستان مان 27 سالا نوجوان جو لاش

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽ برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهه مشهور درگاهه سيد جڙيل شاهه جي قبرستان مان 27 سالا نوجوان جو لاش هٿ، لاش تعلقه اسپتال منتقل تفصيل موجب، خيرپور ناٿن شاهه مشهور درگاهه سيد جڙيل شاهه جي قبرستان مان 27 سالا نوجوان شخص جو لاش هٿ آيو آهي پوليس نوجوان جو لاش ايمبولينس ذريعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

دادو: واپاري اڳواڻ پريس ڪانفرنس ڪندي

سکر واسي شاگرد زين العابدين جي قتل ڪيس ۾ هڪ جوابدار گرفتار

پوليس پاران قتل ڪيس جي مک جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهي : ايس ايس پي سٽي

گرفتار جوابدار ياسين ناپر ڏوهه جو اعتراف به ڪيو آهي ۽ ڏوهه ۾ استعمال ٿيندڙ هٿيار به هٿ ڪيو ويو آهي

سکر(بيورو رپورٽ) سکر جي ريجنٽ ڪالوني واسي شاگرد زين العابدين جي قتل واري مامري تي اي ايس پي سٽي سکر محمد عثمان خان پنهنجي آفيس ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته سکر پوليس پاران قتل ڪيس جي مک جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهي گرفتار جوابدار ياسين ناپر ڏوهه جو اعتراف به ڪيو آهي ۽ ڏوهه ۾ استعمال ٿيندڙ هٿيار به هٿ ڪيو ويو آهي، اي ايس پي سٽي محمد عثمان خان جو وڌيڪ چوڻ هو ته اتفاقي گولي لڳڻ سبب ٿيندڙ قتل ٿيو آهي جوابدار پوليس آڏو اعترافي بيان ڏنو آهي ته مون کي ۽ زين العابدين کي پسٽل هلائڻ جو شوق هيو ۽ گولين هلائيون جنهن مان هڪ گولي ٽينگر کي لڳي جوابدار جو پوليس کي ڏنل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٽنڊو محمد خان پوليس پاران منشيات فروشن جوارين ۽ ڪرمنل ڏوهارين خلاف ڪارروايون

ڪچي شراب جي ڀٽي تي ڪامياب ڪارروائي جوارين ۽ منشيات فروشن سميت 10 ڄڻا گرفتار ڪيو ويو

پوليس ٽنڊو محمد خان ۽ ڊي ايس پي سٽي جي سربراهي ۾ چوري ٿيل موٽر سائيڪلون هٿ ڪري ورتيون

ايس ايڇ او تعقا ۽ سندس ٽيم کي شاباسي ڏني ۽ تعريفي سرٽيفڪيٽ ۽ نقد انعام سان نوازيو ويو

ٽنڊو محمد خان (ٻر مظفر علي بروهي) ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان جي هدايت تي ٽنڊو محمد خان پوليس جو موٽر سائيڪل چورن منشيات فروشن جوارين ۽ ڪرمنل ڏوهارين خلاف ڪامياب ڪارروايون بي سيڪشن پوليس پاران ڊي ايس پي تعلقا جي سربراهي ۾ جوارين جي اڏي ۽ ڪچي شراب جي ڀٽي تي ڪامياب ڪارروائي جوارين ۽ منشيات فروشن سميت 10 ڄڻا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

حيدرآباد ۾ معصوم نياڻي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

حيدرآباد(رپورٽر) شهيد بلقيس چانڊيو آرگنائيزيشن سنڌ ۽ وطن پاڪستان امن فورم پاران معصوم نياڻي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهري ۾ وڪيل برادري ۽ سماج سڌارڪن سميت وڏي انگ ۾ ڪارڪن شريڪ هئا. مظاهري جي اڳواڻي وڪيل نثار چانڊيو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٽنڊو محمد خان: پوليس جي ڪارروائي ۾ هٿ آيل منشيات جو ڍيڪ

ٺٽي جي هيڊ ڪوارٽر مڪلي مان پاڻيءَ جي کوٽ ختم نه ٿي سگهي

ٽائون ڪميٽي پاران وڇايل پاڻيءَ جي لائين جي کوٽائي جو ڪم رولڙي جو شڪار بڻيل

حنيف شاهه ڳوٺ ۾ پاڻي جي لائين جو ڪم کوٽائي بعد رولڙي جو شڪار بڻيل آهي : رهواسي

معاملي جو نوٽيس وٺي رولڙي جو شڪار بڻيل ڪم مڪمل ڪرائي ڏنو وڃي

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) ضلعي ٺٽي جي هيڊ ڪوارٽر مڪلي مان پاڻيءَ جي کوٽ ختم نه ٿي سگهي. ٺٽي جي مشهور درگاهه مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي مزار ۽ مزار لڳ ڳوٺ پير حنيف شاهه ۾ مڪلي ٽائون ڪميٽي پاران وڇايل پاڻيءَ جي لائين جي کوٽائي جو ڪم رولڙي جو شڪار بڻيل. لائين جو کوٽائي بعد ڪم شروع نه ٿي سگهيو، علائقي واسين پاران پاڻي جي لائين وڇائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

روڊ حادثن ۾ موت ٿيڻ جو سيڪڙو خطرناڪ حد تائين وڌيل آهي : آئي جي موٽروي

خاص طور تي ڳوٺاڻن ۽ شهري علائقن ۾ موٽر سائيڪل سوارن جو هيلميٽ نه پائڻ سان جيڪي حادثا ٿين ٿا

قومي شاهراهن تي چيڪنگ دوران ڏنڊ وصول ڪرڻ سان گڏ ماڻهن کي هيلميٽ پائڻ بابت هدايتون به ڏينديون آهي

ٽريفڪ قائدن بابت آگاهي سان يونيورسٽي جي استادن شاگردن ۾ شعور پيدا ٿيندو موٽروي پوليس واحد ادارو آهي

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) جنگ، دهشتگردي ۽ بيمارين وگهي فوتگيون نه ٿيون ٿين پر روڊ حادثن ۾ موت جي شرح خطرناڪ حد تائين وڌي رهي آهي جنهن جو وڏو سبب ٽريفڪ ضابطن تي عمل نه ڪرڻ آهي ايس پي موٽر وي سکر سيڪٽر رانا محمد اسماعيل جو اروڙ يونيورسٽي سکر ۾ روڊ سيفٽي سيمينار کي خطاب.ان سلسلي ۾ آءِ جي موٽر وي سلمان چوڌري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

حيدرآباد جي علائقي لالو لاشاري جي رهواسين پاران احتجاج

حيدرآباد(رپورٽر) حيدرآباد جي علائقي لالو لاشاري شاهه لطيف ڪالوني جي رهواسي امير علي چانڊيو 5 معصوم ٻچن سميت بيروزگاري بک بدحالي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو هن ٻڌايو ته روزاني جي بنياد تيڏهاڙي لڳائي هن مهانگائي جي دور ۾ ٻچن جو گذر سفر ڪري رهيو آهيان پر رمضان جي مهيني ۾ مسلسل ڏهاڙي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سکر: آئي جي موٽروي تقريب کي خطاب ڪندي

يوٽلٽي اسٽور عوام لاءِ رليف نه عذاب آهي : سماجي رهنما ڪريم ڏني

اسٽور انچارج سامان ڳاڏي وارا رستي ۾ پني عاقل جي دڪاندارن کي لاهي وڪرو ڪري ڏين ٿا

سامان به ڪنا پري ڪلي عام ايريا مينيجر ياسر شيخ جي سامهون موٽر سائيڪل تي رڪرائي ٿو

سکر(بيورو رپورٽ) پني عاقل جي مشهور سماجي رهنما ڪريم ڏني چيو آهي ته پنوعاقل ڪينٽ روڊ نزد واگهو پيٽرول پمپ لڳ عوام لاءِ رليف يوٽلٽي اسٽور عوام لاءِ رليف نه عذاب وڏيڪ آ گهرتڪي ڪان سامان ڪٽي ايندڙ ڳاڏي رليف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز لڳ ڳوٺ زبير پنهور جي رهواسين پاران دانهون

معصوم بار دلبر ملاح کي نلڪي جو هٿيو چوري ڪرڻ جي الزام ۾ سخت مارڪٽ ڪئي وئي : مظاهرين

اسان مسڪين بيروزگار آهيون اسان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

نوشهروفيروز (رپورٽ اسد علي عمراڻي) ڳوٺ زبير پنهور جي رهواسين نيشنل پريس ڪلب نوشهروفيروز پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي نابين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهروفيروز: متاثر رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

دادو ۾ برڙا برادري جي عبدالڪريم برڙو پاران احتجاج

بااثر ياسين لغاري اسان جي زمين تي تيار ٿيل ڪڻڪ جو فصل روڪرائي ڇڏيو آهي : عبدالڪريم برڙو

اسان غريب ۽ مسڪين آهيون، معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪيو وڃي

دادو(ن سنڌيار) دادو پرسان ٻي سيڪشن ٽائي جي حد ۾ برڙا برادري جي عبدالڪريم برڙو دادو پريس ڪلب اڳيان دانهيندي چيو ته لغاري برادري جو بااثر ياسين لغاري اسان جي زمين تي تيار ٿيل ڪڻڪ جو فصل روڪرائي ڇڏيو آهي احتجاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

عراق ۾ پاڪ جاين جي زيارت ڪرڻ تي سڪون مليو آهي : رياض حسين شاهه شيرازي

ان جي تي هميشه لاءِ آئي تي رهي انهن جي هر وقت زيارت ڪندا رهون : پ پ جي ايم پي اي

مڪي، مديني، عراق سميت ايران زيارتون ڪرڻ ۾ جيڪو سڪون مليو ان جو ڪو مٽ ناهي

ٺٽو (پ ر) پاڪستان پيپلزپارٽي جي ايم پي اي سيد رياض حسين شاهه شيرازي، اڳوڻي ايم پي اي سيد اعجاز حسين شاهه شيرازي ۽ سيد شبير حيدر شاهه شيرازي عمري ۽ زيارتن جي سعادت حاصل ڪري وطن پهچڻ تي ڪراچي ايئرپورٽ تي سيد حاجي باشا ۽ سيد محمد علي شاهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٺٽو: رياض حسين شاهه شيرازي هڪ تقريب کي خطاب

جهرڪ پرسان ٻيلي ويران جي رهواسي پاران احتجاج

احتجاج بعد بااثر ماڻهون صادق چانگ جي جان جا ويري بڻجي ويا آهن : مظاهرين

جهرڪ پوليس اسان جي ڪا به مدد ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، انصاف ڏياريو وڃي

ٺٽو(ٻر) جهرڪ لڳ ٻيلي ويران جي رهواسي صادق چانگ جي ٻيلي کاتي کان ليز تي ڪنيل زمين تي بااثر ماڻهن پاران ڪيل قبضي خلاف ڪيل احتجاج بعد بااثر ماڻهون صادق چانگ جي جان جا ويري بڻجي ويا آهن. جيڪي ڪيس موٽنار ڌمڪيون ڏيئي ڪيس نقصان پهچائڻ چاهين ٿا. ۾ جهرڪ پوليس سنڌس ڪا به مدد ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

جهرڪ: ٻيلي ويران جا رهواسي احتجاج ڪندي

مٽياري پوليس پاران نشو وڪرو ڪندڙن خلاف ڪريڪ ڊائون

ٻه ڄڻا زيد ايڪيه سميت ٻيون نشي وارين سوپارين ۽ چوريءَ جي رڪشه سميت گرفتار

پوليس هڪ ڇٽي آفتاب شاهه کي اڌ ڪلو چرس سميت گرفتار ڪري ورتو

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) مٽياري پوليس جو نشو وڪرو ڪندڙن خلاف ڪريڪ ڊائون. هڪ جوابدار اڌ ڪلو چرس سميت گرفتار. ٻه ڄڻا زيد ايڪيه سميت ٻيون نشي وارين سوپارين ۽ چوريءَ جي رڪشه سميت گرفتار . ٻه الگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

خيرپور ناٿن شاهه ۾ ڪوٽڙي جي رهواسين پاران احتجاج

اسان جي جان کي خطرو آهي، موت مار ڌمڪيون ملن ٿيون : مظاهرين

اسان جي زندگي خطري ۾ پئجي وئي آهي، تحفظ فراهم ڪيو وڃي

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽر) برڪت علي چانڊيو خيرپور ناٿن شاهه ۾ ڪوٽڙي جي رهواسين جو احتجاج، اسان جي جان کي خطرو آهي، موت مار ڌمڪيون ملن ٿيون زندگي خطري ۾ پئجي وئي آهي. تفصيل موجب: ڪي اين شاهه ۾ ڪوٽڙي جي رهواسين گلزار مشوري ۽ قربان مشوري جو احتجاج سڳا پاٽر امداد مشوري، جهنڊو مشوري، عاشق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ڪي اين شاهه: متاثر رهواسي احتجاج ڪندي

سکر ۾ ڊپٽي ڪمشنر پاران شڪايتي سيل ۽ واپاري مرڪزن جو اوچتو دورو

ڊي سي سبزيون ۽ فروٽ ۽ روزاني استعمال جو سامان وڪرو ڪندڙن کان قيمتون پڻ معلوم ڪيون

عام واهپي جون شيون ۽ روزاني استعمال جي سامان کي سرڪاري اگهه تي وڪرو ڪيون وڃن : ڊي سي

سکر(بيورو رپورٽ) سکر ۾ ڊپٽي ڪمشنر ٽيم سان گڏ شڪايتي سيل ۽ واپاري مرڪزن جو اوچتو دورو ڪيو سرڪاري اگهه تيواهپي جون شيون ۽ سامان وڪروڪرڻ جي هدايت ڪئي.تفصيل موجب ڊپٽي ڪمشنر سکر محمد بخش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سکر ۾ گهر اندر گئس سيلينڊر ڌماڪو، 3 ڄڻا زخمي

ورڪشاپ روڊ بڙاج ڪالوني واري علائقي ۾ واقع هڪ گهر ۾ گئس سيلينڊر جو ڌماڪو ٿيو

عورت سميت ٽي ڄڻا سڙي زخمي ٿي پيا زخمين کي گمس اسپتال گمبٽ منتقل ڪيو ويو

سکر(بيورو رپورٽ) سکر ۾ گهر اندر گئس سيليڊر ڌماڪو سکر جي ورڪشاپ روڊ بڙاج ڪالوني واري علائقي ۾ واقع هڪ گهر ۾ گئس سيلينڊر جو ڌماڪو ٿيو جنهن ۾ عورت سميت ٽي ڄڻا سڙي زخمي ٿي پيا زخمين کي گمس اسپتال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

نئوڪوٽ جي رڻ شاخ سميت ٻين شاخن ۾ پاڻي جي کوٽ شدت اختيار ڪري وئي

22 ميل موري تي رڻ شاخ، ڊرو مائنر، ڊيپلو مائنر ۾ پاڻي جي کوٽ ۽ ايڪيهون پاڻي ڏيڻ خلاف آبادگارن پاران احتجاج ڪيو

هر دفعي آبپاشي کاتو پوکائي جي وقت پاڻي جي کوٽ جو جواز ڄاڻائي آبادگارن جو معاشي قتل عام ڪندو آهي : مظاهرين

جيڪڏهن هن دفعي اسان کي پاڻي نه مليو ته اسانجو پوکيل فصل سڪي تباهه ٿي ويندو ۽ ڪتي جي پوکائي نه ٿي سگهندي

نئون ڪوٽ (رپورٽر) سب ڊويزن نئوڪوٽ جي رڻ شاخ سميت ٻين شاخن ۾ پاڻي جي کوٽ شدت اختيار ڪري وئي پاڻي جي کوٽ خلاف آبادگارن جو 22 ميل موري تي احتجاج ، تفصيل موجب نئون ڪوٽ پرسان 22 ميل موري تي رڻ شاخ، ڊرو مائنر، ڊيپلو مائنر ۾ پاڻي جي کوٽ ۽ ايڪيهون پاڻي ڏيڻ خلاف آبادگارن پاران احتجاج ڪيو ان موقعي تي آبادگار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

نئون ڪوٽ: آبادگار احتجاج ڪري رهيا آهن

مويا شهر بدامني سبب چورن ۽ منشيات فروشن جي ور چڙهي ويو

ٽنڊو غلام حيدر(ن س) مويا شهر بدامني سبب چورن ۽ منشيات فروشن جي ور چڙهي ويو جسقم جي سينيئر اڳواڻ ڪامريڊ رمضان باگڙائي جي دڪان جا تالا ٽوڙي جنهن مان ڪاني موبائل فون ۽ روڪ رقم 80000 هزار چور چوري ڪري ويا ان کان علاوه نور محمد باگڙائي جي دڪان جا تالا پڻ ٽوڙي منجهان روڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٺٽي ۾ صحت کاتي جي ملازم عبدالعزيز پليجو جي گهر تي شرپسند موالين جو حملو

حملي سبب عزيز پليجو جو نوجوان پٽ شاهزيب پليجو ڏک لڳڻ ڪري سخت زخمي ٿي پيو

پوليس جي موجودگي ۾ عورتن ۽ ٻارڙن تي سخت تشدد، نوجوان رتورت، انصاف ڏيارڻ جي گهر

بااثرن موجودگي ۾ اسان تي حملو ڪري اسان جي گهرڀاتين تي تشدد شروع ڪري ڏنو : متاثر

ٺٽو(ٻر) ٺٽي ۾ صحت کاتي جي ملازم عبدالعزيز پليجو جي گهر تي شرپسند موالين جو حملو پوليس جي موجودگي ۾ عورتن ۽ ٻارڙن تي سخت تشدد، نوجوان رتورت، خبر موجب ٺٽي شهر جي ڊاڪٽر گلي پرسان رهندڙ صحت کاتي ٺٽي جي ملازم عبدالعزيز پليجو جي گهر تي موالين حملو ڪري عورتن ۽ ٻارڙن تي تشدد شروع ڪرڻ سميت عزيز پليجو جو نوجوان پٽ شاهزيب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوشهروفيروز ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر پاران سنڌ يونيورسٽي ڪيمپس جو دورو

ادارن جو مقامي صنعتڪاري ۽ ٻين ادارن سان ڳانڍاپو تمام اهم حيثيت رکي ٿو : اي سي

ضلعي انتظاميه ان ڏس ۾ ڀرپور تعاون سان گڏ عملي طرح ڪوشش وٺي رهي آهي

نوشهروفيروز (رپورٽ اسد علي عمراڻي) ... اسسٽنٽ ڪمشنر نوشهروفيروز شان علي ملڪ ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

دادو ۾ تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي سڏ تي بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين ايس پي چوڪ تي احتجاجي ڌرڻو هڻي شهر جا ٽئي انڊس وينڊز رستا بند ڪري ڇڏيا

حافظ راشد عمراڻي، محمد فراز سودر، خادم حسين ابڙو، ڪاشف نواز چانڊيو، لالا ظهير قادري ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ڪارڪن ۾ بدامني سبب پيدا ٿيل بيچيني ختم ڪرائڻ لاءِ ڦرڪيل سامان واپس ڪرايو وڃي : مظاهرين

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي سڏ تي بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو ... لالا ظهير قادري ۽ ٻين احتجاج ڪيو ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

عوام کي بنيادي سهولتون ڏيڻ اسانجو فرض آهي : نظير پٽو

مليرا (رپورٽ) ابراهيم حيدري ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن جي چيئرمين نظير احمد پٽو شاهه لطيف ٽائون ايئر بي اي فليٽ لڳ هلندڙ ترقياتي ڪمن روڊ، سيوريج ۽ ٻين اسڪيمن جو دورو ڪري جائزو ورتو ۽ روڊ جي ڪوالٽي معيار کي پاڻ چيڪ ڪيو رهواسين سان ملاقات ڪري معلومات ورتي، شهرين پاران روڊ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

دادو: تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي سڏ تي ڪيل احتجاج جو ڏيک

ٺٽي پرسان ٻاهڙا اسٽاپ وٽ پوليس ۽ جوابدارن وچ ۾ فائرنگ

پوليس پارن هڪ جوابدار جنهن جي سڃاڻپ نور محمد ولد محمد عمر سومرو ڪي گرفتار ڪيو ويو

جوابدار موٽر سائيڪلن جي چوري سميت مختلف ڏوهن ۾ ملوث آهي وڌيڪ ڪيس جي جاچ جاري آهي : پوليس

گهارو (بشام جوکيو) اڄ صبح ٻاهڙا پرسان پوليس مقابلي ۾ هڪ ڦورو پوليس مقابلي دوران زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو هو. پوليس مقابلي ۾ زخمي نور محمد عرف ڪارو ٻڌايو ته مونکي ڪل ٽنڊي محمد خان لڳ شاهه ڪريم ڏاڙن پڪولڳ عمر پليجي جي اوطاق تي گهرائي سب انسپيڪٽر علي خان راهوجو گرفتار ڪري، غلام پوسٽ تي رڪيو ويو ان کان پوءِ گذريل شام مونکي منهنجي پٽ عرفان سومري سان ملاقات ڪرائي وئي ۽ پوليس طرفان چيو ويو ته تنهنجي والد چوري جي موبائل فون ورتي آهي ان ڪان پوءِ پوليس اڄ صبح مقابلو ڏيکاري ظاهر ڪيو ويو آهي. پوليس جي ڪوڙي مقابلي جي جاچ ڪري ملوث پوليس عملدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي.

سکر ۾ سرتيون سنگ دڪان جي عيد اسپيشل رعايتي ڪائونٽر جو افتتاح

ڪائونٽر وسيلي هٿ جي هنر وسيلي تيار ڪرايل سمورين شين جي خريداريءَ تي 65 سيڪڙو تائين رعايت ڏني ويندي

سرتيون سنگ آئوٽ ليٽ سرسو ڪامپليڪس جي احاطي ۾ واقع آهي : سينيئر مينيجر نويد ميمڻ ۽ ٻيا

نمائش ۾ هٿ جي هنر مان تيار ٿيل ڪيترين ئي شيون رکيون ويون آهن، هينگنگ ۽ چاٻين جا ڇلا توڙي ٻيون شيون شامل آهن

سکر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر (سي اي او) محمد دتل ڪلهوڙو ڪالا چيف فنانشل آفيسر (سي ايف او) آصف کهڙو، مائيڪرو فنانس جي سربراهه شازيه شيخ ۽ جنرل مئنيجمينٽ الياس شيخ سان گڏجي سرتيون سنگ دڪان جي عيد اسپيشل رعايتي ڪائونٽر جو افتتاح ڪيو. انهيءَ ڪائونٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سکر ۾ سرتيون سنگ دڪان جي عيد اسپيشل رعايتي ڪائونٽر جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

سکرنڊ ۾ جماعت اسلامي پاران احتجاج

سکرنڊ(رپورٽر) سکرنڊ ۾ جماعت اسلامي پاران چانديا پيٽرول پمپ کان اسرائيل جي ظلم ۽ بربريت جي خلاف راشد مڪرم، چاچا انوار، رائو زبير،علي رحمان، حسن شيخ ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ ريلي ڪڍي وئي جيڪا مختلف هنڌن تان ٿيندي قاضي سرفراز ميمڻ چونڪ تي پهتي جتي مٿين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته اسرائيل فلسطين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

بدين : آپگهات ڪندڙ اي ايس آئي جي ٻئي گهرواري تي ڪيس داخل

منهنجي ڀاءُ جي ٻئي گهرواري ڪيس گهڻو پريشان ڪندي هئي : ڀاءُ الطاف حسين

ڪافي سالن کان سنڌس ٻي گهرواري سان اختلاف هلندڙ هئا

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ست ڏينهن اڳ راڄوخاناڻي ٿاڻي تي ڊيوٽي دوران سرڪاري رائفل سان فائرنگ ڪري آپگهات ڪندڙ اي ايس آئي غلام مصطفيٰ چلگري جي ٻئي گهرواري صوبيا تي راڄوخاناڻي ٿاڻي تي آپگهات ڪندڙ اي ايس آئي غلام مصطفيٰ چلگري جي ڀاءُ الطاف حسين چلگري جي فرياد تي قلم 322 تحت ايف آئي آر داخل ڪري ڪيس ٽن ڀارڻن سميت گرفتار ڪري ورتو آهي الطاف حسين ميڊيا کي ٻڌايو ته منهنجي ڀاءُ جي ٻئي گهرواري ڪيس گهڻو پريشان ڪندي هئي جنهن سبب ڪافي سالن کان سنڌس ٻي گهرواري سان اختلاف هلندڙ هئا ٻئي طرف گرفتار صوبيا الزام هڻندي چيو آهي ته منهنجي مڙس کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

باڊهه جي يتيم نينگر چاچي پاران زمين تي قبضي ۽ موتمار ڌمڪين ڏيڻ خلاف احتجاج

نينگر محمد ابراهيم ڏيرو پنهنجي چاچي مشتاق احمد ڏيرو ۽ ڀائي خان جاگيراڻي جي مبينا زمين تي قبضو ڪرڻ ۽ موت مار ڌمڪيون ڏيڻ خلاف احتجاج ڪيو

پيءُ ڪجهه سال اڳ فوت ٿي ويو آهي، قمبر شهداد ڪوٽ ضلعي جي ديهه ڏيرا ۾ زرعي زمين آهي جيڪا پيءُ جي فوت ٿيڻ کان پوءِ سنڌس ملڪيت آهي : نينگر

چاچو مشتاق احمد ڏيرو زمين تي قبضو ڪري وڪرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، تحفظ ڏئي زمين تي ناجائز قبضو ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي

سکر(رپورٽر) باڊهه جي يتيم نينگر چاچي پاران زمين تي قبضي ۽ موتمار ڌمڪين ڏيڻ خلاف احتجاج ڪيو آهي. باڊهه شهر جي درگاهه محلي جي رهواسي نينگر محمد ابراهيم ڏيرو پنهنجي چاچي مشتاق احمد ڏيرو ۽ ڀائي خان جاگيراڻي جي مبينا زمين تي قبضو ڪرڻ ۽ موت مار ڌمڪيون ڏيڻ خلاف احتجاج ڪيو نينگر محمد ابراهيم پٽ امير بخش ڏيرو ٻڌايو ته سنڌس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سکر: نينگر صحافين آڏو دانهيندي

حيدرآباد ۾ ڄامشورو آر بي بي ڪالوني جي رهواسي پاران احتجاج، واهر جي اپيل

حيدرآباد(رپورٽر) ڄامشورو آر بي بي ڪالوني جي رهواسي نديم ميمڻ پٽ حسنين جي اغوا خلاف حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاج ڪيو هن الزام هڻندي چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ نامعلوم ماڻهو سواري ٻهاني منهنجي پٽ حسنين کي رڪشا سميت وٺي ويا جنهن وٽ 4 لک رپيا رکيل هئا هاڻ نامعلوم جوابدار پٽ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

آچر 31 مارچ 2024ع

’فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ‘ جي نالي ۾ ٿيندڙ ڌاڙيوالي

حڪمرانن هن ملڪ جي غريب اڪثريت کي جيئڻ جهڙو نه ڇڏيو آهي. ڪڏهن بجليءَ جا اگهه وڌائي مهانگائيءَ کي مهميزون ٿا هڻن ته ڪڏهن وري گئس ۽ تيل جي قيمتن ۾ اضافو ڪري عوام لاءِ جسم ۽ روح جو رشتو برقرار رکڻ مشڪل بڻائي ٿا ڇڏين. اڃان گئس جي قيمتن ۾ اوگرا طرفان ڪيل اضافي تي عوام جون دانهون جاري هيون ته مٿان وري نيپرا. ڪراچيءَ سميت سڄي ملڪ ۾ 2.75 رپيا في يونٽ جي حساب سان بجلي مهانگي ڪرڻ جي منظوري ڏيئي ڇڏي آهي. بجليءَ جي قيمتن ۾ اهو اضافو فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ ڪيو ويو آهي ۽ اهو فيصلو وفاقي حڪومت کي موڪليو ويو آهي. نيپرا موجب: واهپيدارن کان اضافي وصوليون اپريل، مئي ۽ جون جي مهيني ۾ ڪيون وينديون. اهو اضافو ڪي- اليڪٽرڪ جي واهپيدارن تي پڻ لاڳو هوندو. بجليءَ جي قيمتن ۾ ڪيل ان اضافي سان واهپيدارن تي 85 ارب، 20 ڪروڙ رپين جو اضافي بار پوندو. ان کانسواءِ پيٽروليم مصنوعات ۽ فاسل فيول تي 20 کان 30 رپيا في ليٽر ڪاربن ليوي پڻ عائد ڪرڻ جي تجويز غور هيٺ آهي. ڪاربن ليوي سان حاصل ٿيندڙ رقم وفاقي حڪومت استعمال ڪندي.

حڪمرانن عوام تي ظالماڻا ٽيڪس مڙهي انهن جي زندگي زهر ڪري ڇڏي آهي ۽ ماڻهن کان بنيادي سهولتون کسي انهن کي پٿر جي دور ۾ موڪليو پيو وڃي. بجلي ايتري مهانگي ڪئي وئي آهي جو هن ملڪ جي غريب اڪثريت ته ڇڏي مڊل ڪلاس جي وس جي ڳالهه ناهي رهي. هونئن به بجلي، گئس ۽ تيل جي قيمت ۾ اضافي سان هر شيءِ جي قيمتن ۾ اضافو ٿئي ٿو. اهڙي نموني سان عوام نه صرف نيپرا يا اوگرا جي چڪي پري ٿو پر ان کي ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي به ڀوڳڻي پوي ٿي. هن ڀيري به فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ سرچارج جي نالي ۾ هڪ ئي وقت 85 ارب، 20 ڪروڙ جو اضافي بار منتقل ڪيو پيو وڃي. هونئن به وڏي ۾ وڏو ڌاڙو فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ جي نالي ۾ هنيو ويندو آهي. هونئن ته عالمي مالياتي ادارو حڪومت کان بجلي ۽ گئس جي قيمتن ۾ اضافي جون فرمائشون ڪندو رهي ٿو پر "ڏاڍي هٿي ڏهه ته ڏوڌو هٿي تيرنهن" جي مصداق حڪمران وري پنهنجي ڪسر پوري ڪري ڇڏيندا آهن. اها ڦرلٽ فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ جي نالي ۾ ٿيندي رهي ٿي. ملڪ ۾ بجلي مهانگي ٿيڻ جي ڪري ان جي طلب ڏينهون ڏينهن گهٽجندي وڃي، ڇو ته ماڻهو پنهنجون بجليءَ جون ضرورتون شمسي توانائي وسيلي پوريون ڪرڻ لڳا آهن. حڪومت کي ڪاوڙ ان ڳالهه تي آهي ته آبادي وڌڻ جي باوجود بجليءَ جي طلب ڇو گهٽجندي رهي آهي؟ اصل ڳالهه اها آهي ته حڪومت کي بجلي ٺاهيندڙ ڪمپنين (آءِ پي پيز) کي ڪئپسٽي چارجز ڏيڻيون پئجي رهيون آهن. جيڪو پڻ هڪ پيو وڏو ڌاڙو آهي. انهن ڪمپنين کي، ٺاهيل بجليءَ جي حساب سان نه پر انهن جي تياري جي گنجائش جي حساب سان رقم ڏيڻي پوي ٿي. حيرت اها آهي ته اها سڄي چٽي عوام کان ڀرائي پئي وڃي، ڇو ته گهٽ کپت جي ڪري ڪئپسٽي چارجز جو ڳرو بار عوام تي وڌو وڃي ٿو. اسان سمجهون ٿا ته پاڪستان ۾ بجليءَ جون قيمتون وڌڻ جو سبب ڪئپسٽي چارجز سان گڏوگڏ مدي خارج بجلي پلانٽ، پراڻو انفرااسٽرڪچر، ڳاٽي ٽوڙ گردشي قرض، ٽرانسميشن اينڊ ڊسٽريبيوشن سسٽم ۾ خرابيون آهن. جنهن ڪري لائين لاسز ۽ بجلي چوري جي چٽي به باقاعدگيءَ سان بل ادا ڪندڙ واهپيدارن تي وڌي وڃي ٿي. بجليءَ جي ورڇ ڪندڙ ڪمپنين جي اندروني ڪرپشن ۽ انهن ڪمپنين جي اهلڪارن طرفان بجلي وڪڻڻ واري چٽي پڻ واهپيدار ڀرين ٿا. سوال اهو آهي ته عوام ان انتظامي نااهليءَ جي چٽي ڇو ڀري؟ حڪومت طرفان عوام تان بار هلڪو ڪرڻ لاءِ قدم کنيا نه پيا وڃن ۽ نه ئي وري آءِ پي پيز سان معاهدن تي نظرثاني ڪئي پئي وڃي يا نوان معاهدا ڪيا ٿا وڃن. عوام نڌڻڪو بڻيل آهي. ايتري قدر جو سياسي ڌريون به عوام جي واهر ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن. سياستدانن جي وچ ۾ اقتدار لاءِ ميوزيڪل چيئر (راند) جاري آهي. انهن کي صرف اقتدار کپي، عوام جي اهنجن سان انهن جو ڇا وڃي! اليڪشن کان اڳ ۾ ته 300 يونٽ مفت بجلي ڏيڻ جا واعدا ڪيا ويا هئا پر اها مفت جي ته پنهنجي جڳهه تي، ويتر بجليءَ جي قيمت وڌائي پئي وڃي. ان ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته بجليءَ جون قيمتون وڌائي اها عوام جي پهچ کان پري ڪرڻ بدران عوام لاءِ سستي ڪئي وڃي، ڇو ته بجلي مهانگي ٿيڻ سان نه صرف گهريلو واهپيدار پريشان آهن پر ڪاروبار به تباهه ٿي ويو آهي. معاشي سرگرميون ٺپ ٿينديون وڃن. ان جو حل اهو آهي ته آءِ پي پيز سان نئين سر معاهدا ڪيا وڃن. فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ جي نالي ۾ عوام جي کيسي تي ڌاڙو هڻڻ بند ڪيو وڃي، ڇو ته هاڻي عوام سهپ وڃائي چڪو آهي. عوام جي صبر کي نه آزمايو وڃي.

معصوم قيدياڻيءَ ماءَ جو درد

ميان مير چانڊيو

گم ٿيل معصوم نياڻيءَ جي ماءَ جي اکين ۾ ٻن سالن جو طويل انتظار هاڻي ايئن ٿيڻ وڃي رهيو آهي، جيئن سامونڊي طوفان ۾ گم ٿيندڙ مهاڻن جي مائٽن جو انتظار! ڪنهن به مائٽ کي سندس اولاد جو وڇوڙو، چڪندڙ زخم کان هزار دفعا وڌيڪ گهائيندڙ هوندو آهي ۽ اهو زخم ان جي زندگيءَ جو چين ختم ڪري ڇڏي ٿو. گم ٿيل ٻارڙيءَ جا مائٽ هن جهان ۾ پل نه ڪائيندا. پيئندا ۽ هلندا به هجن. پر هو هر گهڙيءَ ۾ وڇوڙي جو وهِ پيئندا رهندا آهن. هڪ اهڙو وهِ، جيڪو نه انهن جي زندگي ختم ڪري ٿو ۽ نه ئي هنن کي جيئڻ ڏئي ٿو. ٻن سالن کان گهر ٻاهران گم ٿيل پريا ڪماريءَ کي جيتوڻيڪ وڏو عرصو گذري ويو آهي پر اها اڃان تائين پنهنجي گهر واپس نه پهتي آهي. هن جي ماءَ جي اکين اڳيان اهي پل اڄ به گذرن پيا، جن پلن ۾ هوءَ چاٺ ناهي رهي آهي. هن جي معصوم ڌيءَ گهر کان ٻاهر وڃي ٿي ۽ پوءِ موٽي ئي نه ٿي. ان کان پوءِ سندس ماءَ جو انتظار ڏکيو ٿي وڃي ٿو ايڏو ڏکيو جيڏو ڪنهن پهاڙي مان گذرندڙ ريل جو رستو، جيڪو سنسان ٿي ويو هجي ۽ ريل ان تي ڊوڙڻ بند ڪري ڇڏيو هجي. مسافرن کي ان ريل جي رستي جي خبر به نه هجي. هاڻي جڏهن چيٽ جون چانڊوڪيون سنسان گهٽين، صحرائن ۽ وڻن مٿان سمهي پونديون آهن ۽ هوائون ساز بند ڪري خاموش ٿي وينديون آهن. تڏهن ان معصوم قيدياڻيءَ جي ماءُ در ۽ درين سان ڳالهائيندي آهي. ڳالهائي ڳالهائي جڏهن ڪيس ڪا ورندي نه ملندي آهي ته هوءَ چائنٽ تي ويهي سندس معصوم ڌيءَ جي اچڻ جو انتظار ڪندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن هوءَ خالي پينگهو لوڏي پريا جو نالو وٺي لوليون به ڏيندي آهي:

شال جيئين شال جيئين، کير وٺيون شال پيئين.
توسان گڏ بهار ڪلن، پنڌ ڪرين ته ملهار هلن.
توکي ڏسڻ سان وسندڙ بادل ٿيو پوان.
جل ٿل جل ٿل، ٿاڏل ٿي پوان.
تون ئي اکين جو ٺار آهين.
پيار آهين، پيار آهين.

مائٽ لاءِ اولاد دنيا جي پياري ۾ پياري شئي آهي. ان جي اوچتو گمشدگي هن دنيا ۾ بدترين عذاب کان گهٽ ڪونهي. اولاد جو قدر انهن مائٽن کي هوندو آهي، جن کي اولاد هوندو آهي ۽ جيڪي نانگا هوندا آهن. انهن کي پيئن جي معصوم ٻارڙن جو ڪهڙو قدر؟ هن وقت سنڌ ۾ پريا ڪماري جي آزاديءَ جي ڀرپور احتجاجي تحريڪ هلي رهي آهي. هن جي گمشدگي جي جدائي جو درد ان جي مائٽن جي دلين کان ٿيندو سنڌ جي ماڻهن جي دلين ۾ لهي ويو آهي. جيڪو ساري سنڌ کي تڙپائي رهيو آهي. صحافين، سماجي ورڪرن، عام ماڻهن ۽ شاعرن جي اکين ۾ ان معصوم نياڻيءَ جي واپسيءَ جو شديد اوسيئڙو جمڻ لڳو آهي، جيئن سردين ۾ پهاڙين تي پاڻي ڄمندو آهي.

تي سال گذري ويا،
رانديڪا ساڳي جاءِ تي.
سر نسريا ئي نه هئا،
ڪنهي ويا ڪماري، رانديڪا ساڳي جاءِ تي.
رڻ ۾ اڪيلي ڪونج،
ماري ويو ماري، رانديڪا ساڳي جاءِ تي.
روئي ماءُ پريا جي،
دل منهنجي ڏاري، رانديڪا ساڳي جاءِ تي.

توسان نباهي نه سگهياسون،
تنهنجا آهيون مياري، رانديڪا ساڳي جاءِ تي.

ياد ٿو اچي ته ڪجهه سال اڳ هڪ ڪلراٺي ۽ پسمانده علائقي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺڙي جي رهواسي هڪ همراهه، جنهن جو نالو وسري ويو آهي، پنهنجي ننهن کي علاج لاءِ هڪ شهر وٺي ويو. هن اسپتال سامهون هڪ معصوم نياڻي روئندي ڏٺي. هن ڇا ڪيو جو ان معصوم نياڻيءَ کي پنهنجي گهر وٺي آيو. ٻن ٽن ڏينهن اندر ڇوڪريءَ جا مائٽ ڳولهائون ڪندي، اچي ان همراهه جي گهر تائين پهتا. هن همراهه ٻاسيو ته معصوم نياڻي هن وٽ آهي. ايتري ۾ ٻن ٽن ٿاڻن جي پوليس به اتي پهچي ويئي. پوليس هن جي ڪکائين گهرن کي ڪڙو چاڙهي، معصوم ڇوڪريءَ کي 'بازياب' ڪرائي ان همراهه سميت سندس پٽن کي گرفتار ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيو ان بعد گرفتار همراهه جي مائٽن، چونڊيل نمائندن ۽ ڇوڪريءَ جي مائٽن جي درن تي آزيون گيسيون شروع ڪري ڇڏيون. نيٺ ڏنڊ ۾ وڏي رقم ادا ڪري مس وڃي جان ڇڏائي. پوءِ اهو ساڳيو همراهه ڪنهن ڳوٺ يا گهٽيءَ ۾ جيڪڏهن ڪو معصوم ٻار ڏسندو هو ته ڏکي ويندو هو ۽ هو اهو رستو ڇڏي پيو ڏگ ولندو هو.

صدر ايوب جي دور ۾ افغاني ۽ پهاڙي علائقن جا پناڻ سنڌ ۾ روزگار خاطر ماڪڙ جيان ڪڙڪي پيا هئا. ان وقت اسان وٽ مائٽ ننڍڙن ٻارڙن کي گهرن کان ٻاهر نه ڇڏيندا هئا. انهن کي اهو خوف هوندو هو ته افغاني، ٻار اغوا ڪري وڪرو ڪن ٿا. اڳاٽي وقت ۾ اهڙا واقعا ٿيندا به هئا. ٻارن کي اغوا ڪري وڪرو ڪيو ويندو هو. خريدار انهن کان مختلف قسم جا ڌنڌا ڪرائيندا هئا ۽ اهو ڌوهه اڄ به مختلف ملڪن ۾ جديد طريقي سان ٿيندو رهي ٿو. دنيا ۾ لکين مرد، عورتون، ٻارڙا ڪنهي گم ڪرڻ کان پوءِ انهن جو وڪرو ڪيو وڃي ٿو. اهو ڌوهه ڪنهن خاص طبقي يا ڪنهن هڪ علائقي ۾ نه پر دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪيو وڃي ٿو. اهڙن اغوا ڪيل ماڻهن/ٻارڙن کان يا ته جبري پورهيو ورتو ويندو آهي يا وري جنسي ڌنڌو ڪرايو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن انهن جي جسم جا عضوا ڪڍي وڪرو به ڪيا ويندا آهن. اغوا ٿيل ماڻهو اڪثر ڪري ذهني دٻاءَ سبب جذباتي بگاڙ جو شڪار ٿي ويندا آهن، جنهن ڪري سندن صحت خراب ٿي ويندي آهي. ڇاڪاڻ ته اهڙا ماڻهو نه فقط پنهنجي گهر، مِٽن مائٽن جو وڇوڙو برداشت ڪن ٿا پر پنهنجي ماحول مان به نڪري ٻئي ماحول ۾ هليا وڃن ٿا، جيڪو انهن لاءِ پرائو ماحول هوندو آهي.

پريا ڪماري ڪهڙي ماحول ۾ جيئندي هوندي؟ يقينن اهو ماحول پرائو هوندو. هاڻي ته انهن جي مائٽن لاءِ به ماحول پرائو بڻجي چڪو آهي. جيڪي ڪجهه چاهيندي به کلي ڳالهائي نٿا سگهن. هو شايد ان لاءِ به خوف ۾ آهن ته هنن جي کلي ڳالهائڻ سان ڪٿي سندن نياڻي قتل نه ٿي وڃي! هن وقت ساري سنڌ پريا جي بازيابي لاءِ هڪ سگهارو آواز بڻجي اٿي آهي پر افسوس قانون خاموش آهي. حڪومت به سگهارن ماڻهن اڳيان جڻ ته بيوس بڻيل آهي. قيدياڻي جي ماءَ جي اکين ۾ اڄ به اوجاڳا آهن. هوءَ ان عرصي ۾ جيءَ ڀري ستي ناهي. هوءَ اڄ به در درين ۽ پٽين سان ڳالهائيندي رهندي آهي. هن کي اها پڪ آهي ته ڪڏهن نه ڪڏهن پريا اچي سندس پاڪرين پوندي ۽ هوءَ ان ويلي خوشيءَ ۾ ايترو روئندي، جيترو سائونڻ جو اڪيلو ڪڪر وسندو آهي.

ياد ٿو اچي ته ڪجهه سال اڳ هڪ ڪلراٺي ۽ پسمانده علائقي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺڙي جي رهواسي هڪ همراهه، جنهن جو نالو وسري ويو آهي، پنهنجي ننهن کي علاج لاءِ هڪ شهر وٺي ويو. هن اسپتال سامهون هڪ معصوم نياڻي روئندي ڏٺي. هن ڇا ڪيو جو ان معصوم نياڻيءَ کي پنهنجي گهر وٺي آيو. ٻن ٽن ڏينهن اندر ڇوڪريءَ جا مائٽ ڳولهائون ڪندي، اچي ان همراهه جي گهر تائين پهتا. هن همراهه ٻاسيو ته معصوم نياڻي هن وٽ آهي. ايتري ۾ ٻن ٽن ٿاڻن جي پوليس به اتي پهچي ويئي. پوليس هن جي ڪکائين گهرن کي ڪڙو چاڙهي، معصوم ڇوڪريءَ کي 'بازياب' ڪرائي ان همراهه سميت سندس پٽن کي گرفتار ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيو ان بعد گرفتار همراهه جي مائٽن، چونڊيل نمائندن ۽ ڇوڪريءَ جي مائٽن جي درن تي آزيون گيسيون شروع ڪري ڇڏيون. نيٺ ڏنڊ ۾ وڏي رقم ادا ڪري مس وڃي جان ڇڏائي. پوءِ اهو ساڳيو همراهه ڪنهن ڳوٺ يا گهٽيءَ ۾ جيڪڏهن ڪو معصوم ٻار ڏسندو هو ته ڏکي ويندو هو ۽ هو اهو رستو ڇڏي پيو ڏگ ولندو هو.

صدر ايوب جي دور ۾ افغاني ۽ پهاڙي علائقن جا پناڻ سنڌ ۾ روزگار خاطر ماڪڙ جيان ڪڙڪي پيا هئا. ان وقت اسان وٽ مائٽ ننڍڙن ٻارڙن کي گهرن کان ٻاهر نه ڇڏيندا هئا. انهن کي اهو خوف هوندو هو ته افغاني، ٻار اغوا ڪري وڪرو ڪن ٿا. اڳاٽي وقت ۾ اهڙا واقعا ٿيندا به هئا. ٻارن کي اغوا ڪري وڪرو ڪيو ويندو هو. خريدار انهن کان مختلف قسم جا ڌنڌا ڪرائيندا هئا ۽ اهو ڌوهه اڄ به مختلف ملڪن ۾ جديد طريقي سان ٿيندو رهي ٿو. دنيا ۾ لکين مرد، عورتون، ٻارڙا ڪنهي گم ڪرڻ کان پوءِ انهن جو وڪرو ڪيو وڃي ٿو. اهو ڌوهه ڪنهن خاص طبقي يا ڪنهن هڪ علائقي ۾ نه پر دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪيو وڃي ٿو. اهڙن اغوا ڪيل ماڻهن/ٻارڙن کان يا ته جبري پورهيو ورتو ويندو آهي يا وري جنسي ڌنڌو ڪرايو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن انهن جي جسم جا عضوا ڪڍي وڪرو به ڪيا ويندا آهن. اغوا ٿيل ماڻهو اڪثر ڪري ذهني دٻاءَ سبب جذباتي بگاڙ جو شڪار ٿي ويندا آهن، جنهن ڪري سندن صحت خراب ٿي ويندي آهي. ڇاڪاڻ ته اهڙا ماڻهو نه فقط پنهنجي گهر، مِٽن مائٽن جو وڇوڙو برداشت ڪن ٿا پر پنهنجي ماحول مان به نڪري ٻئي ماحول ۾ هليا وڃن ٿا، جيڪو انهن لاءِ پرائو ماحول هوندو آهي.

پريا ڪماري ڪهڙي ماحول ۾ جيئندي هوندي؟ يقينن اهو ماحول پرائو هوندو. هاڻي ته انهن جي مائٽن لاءِ به ماحول پرائو بڻجي چڪو آهي. جيڪي ڪجهه چاهيندي به کلي ڳالهائي نٿا سگهن. هو شايد ان لاءِ به خوف ۾ آهن ته هنن جي کلي ڳالهائڻ سان ڪٿي سندن نياڻي قتل نه ٿي وڃي! هن وقت ساري سنڌ پريا جي بازيابي لاءِ هڪ سگهارو آواز بڻجي اٿي آهي پر افسوس قانون خاموش آهي. حڪومت به سگهارن ماڻهن اڳيان جڻ ته بيوس بڻيل آهي. قيدياڻي جي ماءَ جي اکين ۾ اڄ به اوجاڳا آهن. هوءَ ان عرصي ۾ جيءَ ڀري ستي ناهي. هوءَ اڄ به در درين ۽ پٽين سان ڳالهائيندي رهندي آهي. هن کي اها پڪ آهي ته ڪڏهن نه ڪڏهن پريا اچي سندس پاڪرين پوندي ۽ هوءَ ان ويلي خوشيءَ ۾ ايترو روئندي، جيترو سائونڻ جو اڪيلو ڪڪر وسندو آهي.

صوفِي سالم سي ويا، جي اَڪثر سين اَڏيارَ:
ٻـاڙي ٻـازنـدن ڪـي، آهـي اَويـسارَ:
پِريا سين پِهڪارَ، رِنڊيءَ رَساڻي ڪيا.

(سَنگرار جي اَغوا ٿيل مَعصُوم نِياڻِي "پِريا ڪمارِيءَ" جي نانءِ)

هُجِين شَلَ سَلامَت او پِريا ڪُمارِي.....!

ساقي ابڙو

اَبي جِي ڏلاري اَمڙِ جِي پيارِي،
هجِين شَلَ سَلامَت او پِريا ڪمارِي!

اَمڙِ کي ڄدائِيءَ ڏَجهوري وِڌو آ،
اَبي کي وِڇوڙي ٻ ماري ڇَڏيو آ،
ڀِنهي جي اَکِين مان اَٿئِي لڙڪ جارِي،
هجِين شَلَ سَلامَت او پِريا ڪمارِي!

هتي ٿون ڀِهَنجون ڏهارِيندِي هونديئن،
اَبي ۽ اَمان کي ڀِسارِيندِي هونديئن،
هونديئِي روئِي روئِي پَنهنجِي جان ڳارِي،
هجِين شَلَ سَلامَت او پِريا ڪمارِي!

ٻڌون ٿا آ "سَنگرارَ" ۾ هِڪَ "حويلِي"،
جِتي بانڊِي بڻجِي رَهِين ٿِي اَڪيلِي،
ڏکن جي ڏکايَلَ ۽ دَردَن جِي مارِي،
هجِين شَلَ سَلامَت او پِريا ڪمارِي!

ٿنهنجي معامِلي تي حُڪومَتَ ٻِچپ آ،
رِياسَتَ ٻچپ آ عَدالَتَ ٻ چپ آ،
مَگر آهي تولَءِ اُٿِي سِنڌ سارِي،
هجِين شَلَ سَلامَت او پِريا ڪمارِي!

خُدا ٿنهنجو نِياڻِي نِگهبانُ آهي،
ڪندو رَبُ رَحم چو جو رَحمانُ آهي،
خَتم نيٺ ٿِيندِي اِها راتِ ڪارِي،
هجِين شَلَ سَلامَت او پِريا ڪمارِي!

ڏٺِيءَ دَرِ دعائُون گهري پيو ٿو "ساقِي"،
لِچي تَڙپي لِکي پيو ٿو "ساقِي"،
وَري اِيندِي آخِر اَوهانَ تي وِلهارِي،
هجِين شَلَ سَلامَت او پِريا ڪمارِي!

(العباس ادبي منزل رتوديرو)

بقايا 01 ***

سواتي هاءِ ڪورٽ سان رابطو ڪري ورتو پي ٽي آءِ اڳواڻ اعظم سواتي جي وڪيل علي عظيم آفريدي ايڊووڪيٽ پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست جمع ڪرائي. جنهن ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته خيبر پختونخواهه ۾ سينيٽ چونڊون ملتوي ڪرائڻ غير قانوني آهي.

رٿابندي ۽ ترقي واري وفاقي وزير سان پي ايس ڊي پي جي نئين اسڪيمن تي ڳالهه ٻولهه تي اتفاق ڪيو ان ڳالهه تي به اتفاق ڪيو ويو ته وفاقي ۽ صوبائي حڪومتون گڏجي زرعي شعبي کي سائنسي ۽ جديد طريقن تي ترقي ڏيارڻ لاءِ ڪم ڪنديون. ان ڳالهه جي نشاندهي ڪئي وئي ته ايڪسپورٽ معيار جي فصلن، ڀاڄين، ميون...

پي ٽي آءِ جي مرڪزي اڳواڻن شاهه محمود قريشي، مراد سعيد، علي امين گنڊاپور ۽ ٻين جون ملڪيتون ضبط ڪرڻ جو حڪم به ڏنو ڇڪي آهي. جڏهن ته ڪيترائي اڳواڻ عبوري ضمانت تي آهن

بقايا 05 ***

ڪميشن کي رد ڪري ڇڏيو پي ٽي آءِ اڳواڻ...

سان ميينا قاهو ڪائي آپگهات ڪيو آهي ان ڪري هو ڪا به پوليس ڪارروائي نه ڪرائيندا.

بقايا 33 ***

ويو ته سپريم ڪورٽ جي فل ڪورٽ پڌرائي موجب چيف جسٽس آف پاڪستان جي وزيراعظم سان ملاقات ۾ انڪوائري ڪميشن جي جوڙجڪ تجويز ڏني هئي،...

طرفان پنهنجي پيداوار گهٽ ڪري ڇڏي آهي. اهڙي گهٽتائي سان آمريڪي حڪومت طرفان موثر اسپرٽ جي درآمد ۾ اضافو ڪيو ويو آهي. جنهن جي ڪري عالمي منڊي ۾ پيٽروليم شين جون قيمتون وڌي ويون آهن اهڙي درآمد ۾ اضافي سبب عالمي مارڪيٽ ۾ پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ اضافو ٿي ويو آهي. ٻئي طرف هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي عالمي مارڪيٽ ۾ طلب ۾...

بقايا | سنڌيار | 01

پلاٽ ٻئي ماڻهو کي بہ وڪرو ڪري فرار ٿي ويو آهي صدمي ۾ والد ۽ ڏاڏي فوت ٿي ويا آهن رقم واپس ڪئي وڃي متاثر ڏرجو چوڻ هو تہ مبينہ فراڊ ڪندڙ اقبال انجم ڪوڙا چيڪ ڏئي گم ٿي ويو آهي عدالت کي اپيل ٿا ڪريون تہ نوٽيس وٺي پلاٽ جي رقم واپس ڪرائي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا | سنڌيار | 02

پڳڻ عيسر داس ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي آخري رسمن ۾ سموري سنڌ مان ڪاريا برادري جا ماڻهون پهچي ويا آخري رسمون ملي ٽري ۾ ڪاريا برادري جي روحاني پيشوا سنت حمير سنگ جي احاطي ۾ ڪيون ويون

بقايا | سنڌيار | 03

غلام حيدر ملاح عظمت ملاح فاطمہ ملاح ۽ ٻين ٻڌايو تہ بااثر ڳوٺائن عبدالرحيم پنهور عبدالرئوف پنهور معصوم ٻار دلبر ملاح کي نلڪي جو هٿيو چوري ڪرڻ جي الزام ۾ سخت مارڪٽ ڪري گهليندا رهيا ۽ معصوم ٻارجي دانهن تي سنڌس ماءُ عظمت ملاح ۽ ڀاڻيس ڀي ٻاڙي وارن معصوم ٻار کي ڇڏائي ورتو ۽ بااثر عبدالرحيم پنهور عبدالرئوف پنهور اسان کي ڌمڪيون ڏئي حراسان ڪن ٿا ۽ ڳوٺ مان بي دخل ڪرڻ چاهين ٿا اعلي اختياري کي گهرجي تہ اسان مسڪين بيروزگار آهيون اسان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا | سنڌيار | 04

۾ اٿو ڪنڊ گيہ ڪجہ سامان اسٽور تي نالي ماتر لهرائي ٿو اسٽور انچارج انعام مگنهار باقي رهيل سامان گاڏي وارا رستي ۾ پني عاقل جي دڪادارن کي لاهي وڪرو ڪري ڏين ٿا ڪريٽ اسٽور انچارج انعام مگنهار جي باقي اسٽور ۾ لٿل سامان بہ ڪتا پري ڪلي عام ايريا مينيجر ياسر شيخ جي سامهون موٽر سائيڪل تي رڪرائي ٿو حلہ چئون ٿا سهني جي سامهون اعلي عملدارن کي هٿ ٻڌي چئون ٿا خدارا ان ڪريٽ اسٽور انچارج خلاف ڪاروائي ڪري هٽايو وڃي جيئن عام ماڻهون کي ڪجہ ملي سگهي ايريا مينيجر ياسر شيخ جي سامهون سڀ سامان وڪرو ڪندو آهي ڪريٽ انچارج مان جان ڇڏائي پنوعاقل جي مسڪين عوام کي خدادرد رليف ڏنو وڃي جناب ريجنل مينيجر مولا بخش مغل کي ۽ ٻين اعلا عملدارن کي اپيل آهي تہان ڪريٽ اسٽور انچارج جيئي جاچ ڪرائي سزا ڏني وڃي ۽ ڪنهن ايماندار کي مقرر ڪيو وڃي

بقايا | سنڌيار | 05

.رقم 60000 هزار ۽ ٻيو قيمتي سامان چور ڀهاري ويا مويا پوليس خاموش تماشائي بڻيل ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان فورن نوٽيس وٺي ڪارروائي ڪري چورن کي گرفتار ڪري چوري ٿيل سامان ڪيش رقم واپس ڪرائي وڃي ٻي صورت ۾ جسقم ٽنڊو غلام حيدر ۽ جسقم مويا پاران سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا | سنڌيار | 06

اڳوائن عثمان هالو الهنواز نهڙيو بابو لنڊ، عبدالرزاق درس ۽ ٻين چيو تہ هر دفعي آبپاشي کاتو پوڪائي جي وقت پاڻي جي ڪوٽ جو جواز ڄاڻائي آبادگارن جو معاشي قتل عام ڪندو آهي هن دفعي بہ پوڪائي جي سيزن اچڻ شرط آبپاشي کاتي پاران پاڻي جي ڪوٽ جو جواز ڄاڻايو ويو آهي، جڏهن تہ نارا ڪئنال ۾ پاڻي موجود آهي جنهن جي هئرادو ڪوٽ ڏيکاري پئي وڃي، جيڪڏهن هن دفعي اسان کي پاڻي نہ مليو تہ اسانجو پوکيل فصل سڪي تباهہ ٿي ويندو ۽ ڪتي جي پوڪائي نہ ٿي سگهندي جنهن سان اسانکي ڪروڙين روپيا معاشي نقصان ٿيڻ جو خدشو آهي هن ڀيري پندرهن روزا پاڻي ڏيڻ بجاءِ ايڪويهين روزا پاڻي ڏنو پيو جنهن سان اسان نئين سيزن جي پوکائي نہ ڪري سگهنداسون. هنن مطالبو ڪيو تہ پاڻي جي ڪوٽ ختم ڪري آبادگارن مان بي چيني ختم ڪئي وڃي نہ تہ ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا | سنڌيار | 07

تي اسپيئر پارٽس جي واپاري محمد سومرو جي دڪان ۾ داخل ٿي ڪين يرغمال ڪري نو لک روپيا روڪ رقم ۽ لائسنس وارو پسٽل ڪڍي وڃڻ واري واقعي جي ايف آءِ آر محمد سومرو جي مدعيت ۾ نامعلوم ماڻهن جي مٿان داخل ڪئي ويئي آهي هن موقعي تي بدين شهري اتحاد جي ڪنوينر خليفہ طارق عزيز ميمڻ سيڪريٽري انيس ميمڻ خانصاحب الهبچايو ميمڻ عاشق حسين خواجا محمد اقبال ميمڻ آبلاڻي شجاعت حسين خواجا صحافين کي ٻڌايو تہ ڪين يقين آهي تہ بدين پوليس محمد سومرو جا جوابدار گرفتار ڪري سنڌس حق رسائي ڪرائي ويندي هنن چيو تہ شعيب ميمڻ اڪبر شيخ جي دڪانن کي ٽوڙي لکين روپين جي چورين جا ڪيس پڻ سومر ٿائين داخل ڪرايا ويندا هنن چيو تہ غني عباسي جي 32 لک جي ڦرُ ۽ سنڌس مينجر مٿان فائرنگ جو واقعو انتهائي خطرناڪ هوجنهن ڪري شهرين ۾ ترائہ پکڙيل آهي هن موقعي تي ايس ايچ او بدين محمود خان پٺاڻ چيو تہ سنڌس بدين ماڊل ٿاڻي تي پوسٽنگ کي هڪ هفتو ٿيو آهي جنهن دوران ڦرجو هڪ واقعو ٿيو آهي ٻيا واقعا هن کان اڳ جا آهن اسان ڪوشش ڪري عوام کي جان مال جو تحفظ يقيني بڻايو آهي ۽ ڌوهارين جو پيڇو ڪرڻ سان گڏوگڏ ڪيس داخل ڪري جانچ جي دائرن کي وڌائي رهيا آهيون

بقايا | سنڌيار | 08

شر معمول جي گشت تي هو تہ اوچتو شاهين فارم بائپڙا اسٽاپ وٽ پوليس ۽ جوابدارن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي وئي ، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ جوابدار جنهن جي سڃاڻپ نور محمد ولد محمد عمر سومرو جنهن جو تعلق تعلقي شاہ ڪريم ضلعو ٽنڊو محمد خان سان آهي ڪيس گرفتار ڪري ورتو ترجمان موجب گرفتار جوابدار جي قبضي مان ڏوهن ۾ استعمال ٿيندڙ پستول ۽ ڦر دوران چوري ڪيل موبائل فون هٿ ڪيو ويو آهي جڏهن تہ شروعاتي جاچ مطابق جوابدار موٽر سائيڪلن جي چوري سميت مختلف ڏوهن ۾ ملوث آهي وڌيڪ ڪيس جي جاچ جاري آهي.

بقايا | سنڌيار | 09

ادريس شاهاڻي جوائنٽ سيڪريٽري، اياز ڪوڪر ايڊيشنل جوائنٽ سيڪريٽري، سلطان جتوئي آفيس سيڪريٽري، عنايت پٺاڻ انفارميشن سيڪريٽري ۽ محمد خان پنهور کي خزانچي چونڊيو ويو اڄ کان انجمن تاجران جي پليٽ فارم تي سڀني واپارين کي منظم ڪيو ويندو هيءُ پليٽ فارم نچ واپارين جي مسئلن جي حل لاءِ هوندو، ڪنهن بہ واپاري سان ناجائزي برداشت نہ ڪئي ويندي اڳ ۾ واپارين جي نالي سان تنظيمون ناهي پنهنجا مفاد حاصل ڪيا ويا ,واپارين جا جعلي اڳوان گل حسن پنهور، عبدالرئوف مستوئي، اقبال قريشي ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن,اسان جي ڪنهن بہ واپاري کي ڪجهہ بہ ٿيو اهي ذميوار هوندا,اسان وٽ سڀني جا ثبوت موجود آهن ۾ اسان خاموش آهيون,اسانجي اڳوائن تي نازيبا الفاظ استعمال ڪرڻ جي مذمت ڪيون ٿا,اسانجي ڪوشش واپارين جي فلاح و بهبود لاءِ هوندي,هي پليٽ فارم هر واپاري دڪاندار لاءِ آهي انهن جي ڏک سک ۾ ساٿ ڏيڻ جو وچن ڪيون ٿا.

بقايا | سنڌيار | 10

شاہ شيرازي، حاجي خير محمد بروهي، عمار شيخ، سردار شاهد بروهي، منظور قادر لاشاري، رشيد احمد بروهي، منظور قادر لاشاري، سيّد اڪرم شاہ، حزب الله بلوچ ۽ عبدالجبار سومرو پاران سنڌن مانائتو استقبال ڪري ڪين سنڌ جي سوکڙي لونگين ۽ هارن جا تحفا پيش ڪري سائن گڏ قافلي جي صورت ۾ ٺٽي پهتا، جتي صحافين سان ڳالهائيندي پ پ پ ايم پي اي سيد رياض حسين شاہ شيرازي چيو تہ ڪين عراق ۾ پاڪ جائين جي زيارت ڪرڻ تي جيڪو سڪون مليو اهي، اهو بيان ڪري نٿا سگهون، دل چوي ٿي تہ هميشہ لاءِ اتي ئي رهي انهن جي هر وقت زيارت ڪندا رهون. هن چيو تہ مڪي، مديني، عراق سميت ايران زيارتون ڪرڻ ۾ جيڪو سڪون ملي ٿو، ان جي ڪا بہ حد ناهي، الله پاڪ سڀني مسلمانن کي انهن زيارت جو شرف نصيب فرمائي.

بقايا | سنڌيار | 11

ڪندڙ مقامي آبادگار عبدالڪريم ٻرڙو جو چوڻ هو تہ مختيار ٻرڙو پنهنجي زرعي زمين جو حصو ياسين لغاري کي 2 سال اڳ وڪرو ڪيو آهي اسان جي زمين ديهہ پهري ٽپو بکرائي ۾ آهي ياسين لغاري سروي نمبر 28/440/445 تي زوري قبضو ڪرڻ چاهي ٿو هن چيو تہ اسان جي زمين جنهن ۾ مون سميت عبدالرشيد، عبدالمجيد، محمد پريل، محمد پنهل، محرم علي، محمد رمضان ٻرڙو جي زرعي زمين ۾ حصا آهن ان زمين تي زوري ڪجهہ اسان جي برادري جي ماڻهن الهرکيو ٻرڙو، پنجر ٻرڙو، ٺارو خان، حافظ علي شير سان گڏجي بااثر ياسين لغاري اسان نئين آبادگارن جو فصل روڪرايو آهي، هن چيو تہ سپائي اسان جي ڪنهن بہ ماڻهو کي نقصان پهتو تہ ان جو ذميوار ياسين لغاري ۽ ضلعي انتظاميہ هوندي. ايس ايچ او بي سيڪشن دادو رياض پٽو وٽ فرياد ڪيو آهي جنهن اسسٽنٽ ڪمشنر دادو سان رابطو ڪري چيو تہ ايندڙ سومر تائين توهان جو فيصلو ڪرايو ويندو.

بقايا | سنڌيار | 12

دورو ڪري ڪيمپس کي گهربل اضافي ڪلاس رومز، پارڪنگ ۽ ٻين سهولتن سان گڏ مڪمل يونيورسٽي آف نوشهرو فيروز جي پروپوزل تي پڻ پرو وائس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر اظهر علي شاہ سان ڳالہ ٻولهہ ڪئي.ان مرقعي هن چيو تہ نوشهرو فيروزجي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ بهتر تعليمي ادارن جو قيام ۽ انهن ادارن جو مقامي صنعتڪاري ۽ ٻين ادارن سان ڳانڍاپو تمام اهم حيثيت رکي ٿو ۽ ضلعي انتظاميہ ان ڏس ۾ ڀرپور تعاون سان گڏ عملي طرح ڪوششون وٺي رهي آهي. پروائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر اظهر علي شاہ ضلعي انتظاميہ جي اهڙين ڪوششن جي واکاڻ ڪندي سنڌن شڪريو ادا ڪيو.

بقايا | سنڌيار | 13

پليجو ڌڪ لڳڻ ڪري سخت زخمي ٿي پيو. جنهن کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو اهي، ٻئي طرف زخمي شاهزيب پليجو جي والد صحت کاتي نٽي جي ملازم عبدالعزيز پليجو پنهنجي زخمي پٽ شاهزيب سان گڏ صحافين وٽ پهچي دانهيندي الزام هڻندي چيو آهي تہ اسان جي پاڙي ۾ موالين رڻ ٻاري ڏنو آهي، جنهن جي ڪيترائي ڀيرا پوليس کي شڪايت ڪئي آهي ۾ پوليس ڪوبہ نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار ناهي، اڄ بہ نٽي جي پوليس کي اطلاع ڪيو تہ پاڙي ۾ رهندڙ بااثر موالين بشير ۽ سنڌس پٽن ظفر ۽ محبت پوليس جي موجودگي ۾ اسان تي حملو ڪري اسانجي گهرڀاتين تي تشدد شروع ڪري ڏنوجنهن جي نتيجي ۾ منهنجو پٽ شاهزيب سخت زخمي ٿي پيو اهي، هن ايس ايس پي ٺٽو کان نوٽيس وٺي سائن انصاف ڪري ڪين موالين جي زيادتين مان نجات ڏيارڻ جي گهر ڪئي آهي.

بقايا | سنڌيار | 14

تعلقہ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي لاش جي سڃاڻپ عبدالحليم ولد غلام مصطفي چانڊيو عمر 27 سال ويڙل ڳوٺ گوزو لڳ پنجائي چانڊيو تعلقہ خيرپور ناٿن شاہ طور ٿي آهي ٻئي طرف ٻڌايو پيو وڃي تہ نوجوان شخص نشو ڪندو هو جنهن سبب نوجوان جو موت ٿيو آهي.

بقايا | سنڌيار | 15

بيان ۾ اعتراف ڪندي جوابدار ٻڌايو آهي تہ پاڙي ۾ اوطاق تي ٻارڙي کي گولي لڳي اوطاق جي مالڪ پسٽل سڃائي رکيو هو اينٽي ڪرپشن سرڪل آفيسر شاهد ڪوسو جي اوطاق تي قتل ٿيو آهي شاهد ڪوسو کي بہ جاچ ۾ شامل ڪيو ويو آهي , اي ايس پي سٽي محمد عثمان خان جو چوڻ هو تہ جنهن وقت واقعو پيش آيو ان وقت اوطاق جو مالڪ اوطاق ۾ موجود نہ هيو نينگر زين العابدين صديقي کي 27 مارچ تي ريجنٽ جي علائقي مدينہ ڪالوني ۾ قتل ڪيو ويو هو قتل واقعي جي جاچ هلندڙ آهي جيڪڏهن جوابدار سان گڏ ٻيو ڪو بہ ملوث هوندو تہ ان کي بہ گرفتار ڪيو ويندو معصوم زين العابدين جي وارثن کي انصاف ڏيارڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويندي

بقايا | سنڌيار | 16

لاءِ تيار ناهي، جنهن ڪري متاثر زميندار انصاف لاءِ صحافين وٽ پهچي ويو ان سلسلي ۾ متاثر ٻيلي ويران جي رهواسي صادق چانگ پاران ڪيس بااثر ماڻهن پاران ملنڊڙ موتمار ڌمڪين ٽوڙي سنڌس ليز واري زمين تي ڪيل قبضي خلاف پنهنجي پٽن اياز چانگ، عرفان چانگ ۽ رياض چانگ سان گڏ نٽي ۾ صحافين وٽ پهچي سخت احتجاج ڪري دانهيندي الزام هڻندي چيو تہ اسان ٻيلي کاتي جي سرڪاري زمين ليز تي حاصل ڪري آباد ڪري رهيا آهيون، جنهن تي مقامي ماڻهن گلزار چانگ ۽ حاجي علي حسن چانگ جي چرچ تي بااثر ماڻهن علي ڏنو عرف الهبخش ڪوسو سنڌس پٽن تاجو ڪوسو، ڪامران ڪوسو علي ڪوسو اسان جي زمين تي قبضو ڪري هاڻي اسانکي موتمار ڌمڪيون ڏيئي نقصان پهچائڻ چاهين ٿا. جيڪي اسانکي پنهنجي زمينن تي بہ وڃڻ نٿا ڏين، صادق چانگ ۽ ٻين چيو تہ سنڌس زمين تي ٿيل قبضي خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ پٽيشن داخل ڪرائي اهي، جنهن سنڌس حق ۾ فيصلو ڏيندي زمين جي ليز ڪيس ڏيڻ جو حڪم جاري ڪيو اهي، جنهن تي بہ عمل ٿي ناهي سگهيو ۽ نہ ئي جهرڪ پوليس ٿي سنڌس ڪا مدد ڪري، جنهن ڪري هو سخت پريشان اهي، هن چيو تہ ڪيس سنڌس زمين تي قبضو ڪندڙن مان نقصان جو انديشو آهي، جيڪي ڪيس موتمار ڌمڪيون پيا ڏين. هن وزيراعلي سنڌ، چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ، ٻيلي کاتي جي صوبائي وزير، ڊي سي ٺٽو، ايس ايس پي ٺٽو کان مطالبو ڪيو تہ سائنس انصاف ڪري سنڌس ليز واري زمين تان قبضو خالي ڪرائي زمين سنڌس حوالي ڪري ڪيس نقصان جون ڌمڪيون ڏيندڙن خلاف ڪاروائي ڪري ڪيس تحفظ مهيا ڪيو وڃي، ٻئي صورت ۾ انتهائي قدم کڻڻ تي مجبور ٿيندس، هن چيو تہ ڪيس ڪو بہ نقصان پهتو تہ ان جا ذميوار اهي بااثر قبضاگير هوندا.

بقايا | سنڌيار | 17

, سيوريج لائين ۽ ٻيون بنيادي سهولتون ڏيڻ تي ٽائون چيئرمين نظير پٽو جا ٿورا مڃيندي مٿن گلن جي ورکاءُ ڪئي , رهواسين چيو تہ سالن کان اسان ترقياتي ڪمن کان محروم رهيا آهيون. روڊ , سيوريج ۽ اسٽريٽ لائٽ نہ هجڻ سبب اسانکي سخت پريشاني هئي. اسان ٽائون چيئرمين نظير احمد پٽو جا ٿورائتا آهيون جن اسانکي روڊ ۽ سيوريج ۽ ٻيون بنيادي سهولتون مهيا ڪيون آهن. ان موقعي تي ٽائون چيئرمين نظير احمد پٽو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ عوام کي بنيادي سهولتون ڏيڻ اسانجو فرض آهي , اليڪشن وقت جيڪي واعدا ڪيا هئا انهن تي عمل ڪري رهيا آهيون. نظير پٽو چيو تہ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن تي عمل ڪندي عوام جي خدمت جو سلسلو جاري رکيو آهي. عوام کي سهولتون ڏيڻ لا ترقياتي ڪم شروع ڪيا ويا آهن عوام هلندڙ ترقياتي ڪمن جي پاڻ نگراني ڪن ۽ سارسنڀال بہ ڪن , نظير پٽو چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي عوام جي خدمت ۾ يقين رکي ٿي, عوام جا مسئلا پاڪستان پيپلز پارٽي حل ڪيا آهن جنهن جو تسلسل جاري آهي

بقايا | سنڌيار | 18

احتجاجي مظاهرو ڪيو حافظ راشد عمراڻي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ اسان جي ڪجهہ ساٿين کان ڦرجا 5 لاڳيتو واقعا پيش آيا آهن جنهن لاءِ اڄ تحريڪ پاران وفد جي صورت ۾ ايس ايس پي دادو ڊاڪٽر فرخ علي لنجار سان ملاقات ڪرڻ لاءِ سنڌس آفيس ۾ پهتاسين ۾ اسان کي ايس ايس پي جي گارڊن ڌڪا ڏنا ۽ ايس پي سان ملاقات ڪرڻ نہ ڏني مجبورن اسان پنهنجو پرامن احتجاج رڪارڊ ڪرائي رهيا آهيون هن چيو تہ ڌرڻي واري هنڌ ڊي ايس پي ڪمپليين سيل نظير احمد ملاح، ايس ايچ او اي سيڪشن ۽ ٻيا اهلڪار ڳالهيون ڪرڻ لاءِ پهتا انهن جي خاطري تي احتجاجي ڌرڻو ملتوي ڪيو آهي ۽ ايندڙ سومر ڏينهن ايس ايس پي دادو سان ملاقات ڪري ڦر واقعن جا تفصيل ڏينداسين هنن آءِ جي سنڌ. ڊي آءِ جي حيدرآباد کان مطالبو ڪيو تہ تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي ڪارڪنن ۾ بدامني سبب پيدا ٿيل بيچيني ختم ڪرائڻ لاءِ ڦر ڪيل سامان واپس ڪرايو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 19

گرفتار سوين ليٽر ڪچو شراب هٿ تعلقا پوليس ٽنڊو محمد خان ۽ ڊي ايس پي سٽي جي سربراهي ۾ چوري ٿيل موٽر سائيڪلون هٿ ڪري ورتيون موٽر سائيڪلون تصديق بعد مالڪن حوالي شهرين پاران موٽر سائيڪل برآمد ٿيڻ تي ايس ايس پي سيد امداد علي شاہ ايس ڊي پي او سيد مجاهد شاہ ايس ايچ او تعلقا محمد علي زنئور کي اجرڪن ۽ لونگين جا تحفا پيش ڪيا ايس ايس پي پاران ڊي ايس پي ايس ايچ او تعقا ۽ سنڌس ٽيم کي شاباسي ڏني ۽ تعريفي سرٽيفڪيٽ ۽ نقد انعام سان نوازيو ويو خبر موجب ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان سيد امداد علي شاہ جي هدايت تي ايس ايچ او بي سيڪشن سب انسپيڪٽر منظور شورو نفري سان ڪري ٽالپر ٽائون ۾ جوا جي اڏي تي ڪامياب ڪاروائي ڪندي اٺن جوارين رضوان نوناري اسحاق سومرو مدثر سومرو بابو شاہ عبدالساجد پٽي ريحان نظاماڻي عبدالرافع نوناري ۽ فياض پٽي کي جوا جي اڏي تان جوا راند ڪندي ڇاپي دوران گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪئي آهي پوليس موجب گرفتار جوابدار کان جوا جي رقم ست هزار روپيا بہ عدد چڪي داڻي برآمد ڪئي وئي آهي جڏهن تہ گرفتارجوارين مٿان جوا ايڪٽ تحت بي سيڪشن ٿاڻي ٽنڊو محمد خان ۾ ڪيس درج ڪيو ويو آهي جڏهن تہ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد اندر ايس ڊي پي او سيد مجاهد شاہ جي سربراهي ۾ ايس ايچ او سب انسپيڪٽر بي سيڪشن منظور شورو هڪ ٻئي ڪامياب ڪاروائي دوران ٺاڪر محلا ٽنڊو سائينداد ۾ ڪچي شراب ٺري جي ٻني تي ڇاپو هڻي پوليس موجب بدنام زمانہ ڪچو شراب وڪرو ڪندڙ سنيل ٺاڪر ۽ راجو ٺاڪر کي گرفتار ڪري سنڌب قبضي مان 130 ليٽي ديسي شراب ٺرو برآمد ڪري ٻني مسوار ڪئي وئي جڏهن تہ پوليس موجب گرفتار جوابدارن خلاف منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ٻئي طرف ايس ڊي پي او سيد مجاهد شاہ ۽ ايس ايچ او تعلقا محمد علي زنئور پاران هڪ ڪامياب تعريفي ڪاروائي ڪندي ضلعي اندر قيمتي موٽر سائيڪلون چوري ٿيل هٿ ڪري ورتيون آهي پوليس ترجمان مطابق ايس ايس پي سيد امداد علي شاہ جي هدايت تي عمل ڪندي ايس ڊي پي او ٽنڊو محمد خان سيد مجاهد شاہ ايس ايچ او تعلقہ انسپيڪٽر محمد علي زنئور پنهنجي اسٽاف کي ساڻ ڪري شهرين جو چوري ٿيل مختلف ڪمپنيس جون موٽر سائيڪلون برآمد ڪري ايس ايس پي سيد امدادا علي شاہ پنهنجي آفيس ٽنڊو محمد خان ۾ تصديق ڪرڻ کانپوءِ اصلي مالڪن حوالي موٽر سائيڪلون ڪيون ان موقعي تي شهرين پاران انهن جي قيمتي موٽر سائيڪلون برآمد ٿيڻ جي خوشي ۾ ايس ايس پي سيد امداد علي شاہ ڊي ايس پي سيد مجاهد علي شاہ ايس ايچ او محمد علي زنئور کي اجرڪن ۽ لونگين جا تحفا پيش ڪيا ۽ ٽنڊومحمد خان پوليس جو شهرين پاران شڪريو ادا ڪيو ايس ايس پي سيد امداد علي شاہ پاران ڊي ايس پي سيد مجاهد علي شاہ ايس ايچ او تعلقہ انسپيڪٽر محمد علي زنئور ۽ سنڌس ٽيم کي ڪامياب ڪاروائي تي شاباسي ڏني ۽ ڪين تعريفي سرٽيفڪيٽ ۽ ڪيش انعام سان نوازيو ويو

بقايا | سنڌيار | 20

, نظير قريشي، عبداللطيف چانڊيو، دليپ ڪمار ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. هنن خطاب ڪندي چيو تہ پريا ڪماري سنڌ جي نياڻي جيڪا سالن کان ظالمن جي قيد ۾ آهي ۾ سنڌ جا حڪمران ظالمن کي بچائڻ لاءِ معصوم نياڻي جي زندگي داءُ تي لڳائي ڇڏي آهي پريا جي آزادي لاءِ سموري سنڌ سراپا احتجاج آهي حڪمرانن کي خبرهجڻ باوجود تہ نياڻي ڪنهن وٽ قبضي ۾ آهي پر ڪيس آزاد ڪرائڻ لاءِ ڪا بہ حڪمت عملي تيار نہ ٿي ڪئي وڃي تحفظ ڏيندڙ ادارا بہ پنهنجون نوڪريون ۽ پروموشن حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجو فرض نڀائڻ بجاءِ ڪن لاٽار ڪري ڇڏيو آهي. هنن چيف جسٽس سپريم ڪورٽ ۽ ٻين وس وارن ادارن کان گهر ڪئي تہ معصوم نياڻي پريا ڪماري کي بازياب ڪرايو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 21

وسيلي هٿ جي هنر وسيلي تيار ڪرايل سمورين شين جي خريداريءَ تي 65 سيڪرو ٽائين رعايت ڏني ويندي. واضح رهي تہ سرتيون سنگ آئوٽ ليٽ سرسو ڪامپليڪس جي احاطي ۾ واقع آهي. ان موقعي تي سرسو جي مختلف شعبن جا سينيئر مينيجر نويد ميمڻ، شاهزيب حسين مهر، صوفي رياض جلالاڻي، نعمت الله شيخ، محمد اڪرم شيخ ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. نمائش ۾ هٿ جي هنر مان تيار ٿيل ڪيتريون ئي شيون رکيون ويون آهن جن ۾ اجرڪ، رليون، پرٽ پريل ڪپڙا، ڪڃيءَ جي پنن مان ٺهيل روايتي شيون ۽ ڪٽڪ جي ٿيلهن مان ٺهيل ٿيلهيون، هٿ سان ٺاهيل زيور، وال هينگنگ ۽ ڇاپن جا ڇلا ٽوڙي ٻيون شيون شامل آهن. سرسو جي سربراہ محمد ڏتل ڪلهوڙو ان موقعي تي چيو تہ سرسو جي آئوٽ ليٽ تي 65 سيڪڙو رعايت سان وڪرو ٿيندڙ شين جي خريداريءَ سان ڀهراڙين جي هنرمند حوصلا افزائي ٿيندي. ٻڌايو ويو آهي تہ شين جو رعايتي اگهہ تي وڪرو عيد رات تائين جاري رهندو.

بقايا | سنڌيار | 22

جي مسلمانن سان ظلم جا پهاڙ ڪيرائي ڇڏيا آهن ۾ اسلامي ملڪ خاموش تماشو ڏسي رهيا آهن هنن چيف آف آرمي اسٽاف کان مطالبو ڪيو تہ پنهنجي ملڪ جي فوج کي اڳتي آندو وڃي ۽ فلسطين مسلما نن جي مدد ڪئي وڃي احتجاج دوران اسرائيل جي خلاف سخت نعري بازي ڪئي وئي اسرائيل جي جهنڊي ۽ اسرائيلي حڪمران جي پتلي کي باهہ ڏني وئي

بقايا | سنڌيار | 23

مشوري ۽ امداد مشوري جا سالا شبير پٺاڻ، حبيب پٺان ۽ حق نواز پٺاڻ جان جا ويري بڻجي ويا آهن اسان جي جان کي خطرو آهي ڪجہ ڏينهن پهريان اسان تي ڪوڙي درخواست ڪئي هئي جيڪا ڊي آيس پي کي اين شاہ رد ڪري ڇڏي اسان کي ڪوڙي ڪان هٿيارن جي زور تي لڏو ڪنايو ويو آهي هاڻي اسان پنهنجي ڳوٺ ميان نصير محمد ۾ رهائشي پذير آهيون اڃان تائين اسان کي ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جيڪا رڪارڊنگ اسان وٽ موجود آهي اسان اعلي اختيارين ايس ايس پي، ڊي آءِ جي حيدرآباد کي اپيل ٿا ڪريون تہ امداد مشوري سميت سڀني خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي تہ جيئن اسان سک سان زندگي گذاري سگهون

بقايا | سنڌيار | 24

الڳ ڪيس داخل. خبر موجب منياڻي پوليس شهر ٽوڙي پرپاسي واري علائقي ۾ نشي جو ڪاروبار ڪندڙن خلاف سخت ايڪشن وٺندي هڪ چئي آفتاب شاہ کي اڌ ڪلو چرس سميت گرفتار ڪري ورتو آهي ۽ سنڌس خلاف گناہ نمبر : 19/2024 ۽ قلم 9_ Bتحت ايف آءِ آر داخل ڪري ڇڏي آهي . ٻئي پاسي منياڻي پوليس شهر ۾ انڊيا مان سمگلنگ وسيلي پهچندڙ نشي واريون سوپاريون جن ۾ , 21 _ Z سفيد ۽ گٽڪو وغيره ڪٽي ايندڙ جوابدار قوٽو عرف امان الله ڪلهوڙو ۽ عبدالسميع عرف وڪي ڪوڪر کي Z_21جا ٽيہ پاڪيٽ ۽ چوريءَ جي رڪشہ سميت گرفتار ڪري ورتو آهي . جڏهن تہ انهن وٽان ٻيون سوپاريون ۽ گٽڪو پڻ وڏي مقدار ۾ هٿ آيو آهي ، منياڻي پوليس مٿين ٻنهي جوابدارن خلاف پڻ گناہ نمبر: 20/2024 ۽ قلم 7/8 جي تحت ڪيس داخل ڪري مٿين ٽنهي جوابدارن جو نوشهرو فيروز جي عدالت مان جڊيشل ريمانڊ وٺي وڌيڪ جانچ ڪري رهي آهي ، ٻئي طرف منياڻي شهر جي سياسي ۽ سماجي ڌرين ايس ايچ او منياڻيءَ جي ڪنيل قدمن جي واکاڻ ڪندي ڪانشس منياڻي شهر مان مڪمل طور نشي جي ڪاروبار جو خاتمو آڻڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا | سنڌيار | 25

نہ لڳڻ ڪري گهر ۾ فاقن واري صورتحال آهي مٿان عيد بہ ويجهي اچي رهي آهي ٻارڙن کي عيد جا ڪپڙا وغيره ڏيڻ جي سگهہ ناهي. هن سرندي وارن کي اپيل ڪئي تہ سنڌس رمضان ۾ فترو ۽ زڪوات ذريعي مدد ڪئي وڃي تہ جيئن عيد تي راشن سميت ٻارڙن کي ڪپڙا وٺي ڏيان.

بقايا | سنڌيار | 26

ايڊيشنل آءِ جي سائوٿ ريجن منير احمد شيخ ۽ ڊي آءِ جي موٽر وي سنڌ محمد سليم جي خاص هدايتن تي اروڙ يونيورسٽي سکر ۾ روڊ حادثن کي روڪڻ بابت روڊ سيفٽي سيمينار ڪوٺايو ويو جنهن ۾ روڊ حادثن کان بچاءَ ۽ ٽريفڪ قانون بابت ڄاڻ ڏني وئي سيمينار جو مهمان خاص ايس پي موٽر وي سيڪٽر سکر رائو محمد اسماعيل هو جڏهن تہ يونيورسٽي جي استادن سميت شاگردن ۽ شاگردياڻين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي، سيمينار کي پنهنجي خطاب ۾ ايس پي موٽر وي سکر رائو محمد اسماعيل چيو تہ جنگ دهشتگردي ۽ بيمارين سبب موت جي شرح ايتري ناهي پر ان جي برعڪس روڊ حادثن ۾ موت جي شرح خطرناڪ حد تائين وڌي رهي آهي، جنهن جو وڏو ڪارڻ ٽريفڪ ضابطن جي عدم تعميل آهي، خاص ڪري ڀهراڙين توڙي شهرن ۾ موٽرسائيڪل سوارن پاران هيلميٽ جو استعمال نہ ڪرڻ آهي جنهن لاءِ موٽر وي پوليس وقتن بوقتن مختلف مهمون هلائيندي رهي آهي جنهن ۾ شهرين ۽ ڳوٺن ۾ نيشنل هاءِ ويز تي هيلمٽ ۽ سائڊ شيشن جي افاديت سميت روڊن جي حفاظت بابت ماڻهن کي ڏنڊ ۽ بريفنگ ڏيڻ شامل آهن. سيمينار کي خطاب ڪندي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر زاهد حسين کنڊ چيو تہ روڊ سيفٽي بابت مفيد معلومات ۽ ٽريفڪ قاعدن جي آگاهي سان يونيورسٽي جي شاگردن ۽ شاگرديائين ۾ شعور پيدا ٿيندو جڏهن تہ موٽر وي پوليس واحد ادارو آهي جيڪو پاڪستان ۾ روڊ حادثن جي روڪٿام ۽ ٽريفڪ قانونن بابت مفيد معلومات فراهم ڪري ٿوجنهن سان عام ماڻهن ۾ شعور پيدا ٿيو آهي ۽ روڊ حادثن ۾ گهٽتائي نظر اچي رهي آهي، ان موقعي تي موٽر وي پوليس سکر پاران ٽريفڪ سيفٽي ۽ قانون بابت سوال پڇيا ويا جواب ڏيندڙن ۾ انعام پڻ ورهايا ويا جڏهن اروڙ يونيورسٽي ۾ موٽر وي پوليس پاران لڳل روڊ سيفٽي اسٽال ۾ موٽر وي پوليس جي پروفيشنل ڪمن ۾ استعمال ٿيندڙ اسپيڊ چيڪنگ ڪيمرائن، هائيڊرو ڪٽرن ۽ ٻين شين ۾ خاص دلچسپي جو اظهار ڪيو

بقايا | سنڌيار | 27

تعميراتي ڪم مڪمل ڪرائڻ جو مطالبو ٺٽي جي مشهور درگاہ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ پير حنيف شاہ ڳوٺ ۾ پاڻي جي لائين جو ڪم ڪرتائي بعد رولڙي جو شڪار بڻيل آهي جنهن سبب پاڻي جي فراهمي نہ ٿي رهي آهي، علائقي واسي انتظاميہ کي بار بار شڪايت ڪرڻ بعد ڪو بہ نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار ناهي، رولڙي جو شڪار بڻيل ڪم مڪمل ڪرائي ڏنو وڃي، علائقي واسي.

بقايا | سنڌيار | 28

بازيابي لاءِ ڳري رشوت گهري رهيا آهن جيڪا آئون نہ ڀري سگهان. هن چيو تہ جوابدار پتائي نگر جي علائقي جا رهائشي ٻڌايا وڃن ٿا جن جي گرفتاريءَ ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ مسلسل پتائي نگر ٿاڻي جا چڪر ڪاٽي رهيو آهيان پر پوليس نہ پٽ کي بازياب ٿي نہ جوابدارن خلاف ڪا ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار آهي. هن وس وارن کان مطالبو ڪيو تہ فوري طور پٽ حسنين کي بازياب ڪرائي ڦر ٿيل 4 لک ۽ رڪشا واپس ڏياري عيد جون خوشيون مهيا ڪيون وڃن

بقايا | سنڌيار | 29

پيءُ ڪجهہ سال اڳ فوت ٿي ويو آهي، قمبر شهداد ڪوٽ ضلعي جي ديہ ڏيرا ۾ زرعي زمين آهي جيڪا پيءُ جي فوت ٿيڻ کان پوءِ سنڌس ملڪيت آهي. سنڌس چاچو مشتاق احمد ڏيرو زمين تي قبضو ڪري وڪرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. هن چيو تہ هو جڏهن پنهنجي هاري سان گڏ زمين گهمي رهيو هو تہ پائي خان جاگيراڻي موت مار ڌمڪيون ڏيندي چوڻ لڳو تہ هي زمين ڪيس اسانجي چاچي وڪرو ڪري ڏني آهي زمين ۾ بيٺل ڪٽڪ جو فصل بہ سنڌس آهي جيڪڏهن پيهر زمين تي نظر ايندين تہ ماريو وينداين. نينگر وڌيڪ چيو تہ رڪارڊ موجب زمين سنڌس ڏاڏي جي نالي تي چڙهيل آهي ۽ اسانجي پيءُ جي وفات بعد و چاچو زمين جو رڪارڊ بدلائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ۽ سائن ظلم ڪري رهيو آهي. هن چيو تہ هوهڪ پاءُ ۽ ٽن ڀينرن سان گڏ يتيم ٻار آهن. هن مطالبو ڪيو تہ تحفظ ڏئي زمين تي ناجائز قبضو ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 30

۽ مون کي سنڌس پهرين گهرواري ۽ پاڻن سخت پريشان ڪندا هئا جا ڪاڻ تہ منهنجو تعلق ٻي برادري سان آهي ان ڪري منهنجي مڙس جي پهرين گهرواري ۽ سنڌس پاڻن مون کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو ۽ منهنجي مڙس کي آپگهات ڪرڻ تي بہ هنن ئي مجبور ڪيو ۽ هاڻ مون تي ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪرايي مونکي گرفتار منهنجي ٽن ٻارن سميت گرفتار ڪرائي ڇڏيو آهي آئون مطالبوئي ڪريان انساني حقن جي تنظيمن کي ۽ آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي بدين ۽ سيشن جج بدين کي تہ منهنجي مڙس جي آپگهات ڪرڻ جي ايماندار

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر بلڊنگس ڊويزن سانگهڙ

No. TC/G-55/120 of 2024 Sanghar Dated: 28-03-2024

آڇن جي دعوت

سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ اٿارٽي رول 2010 (هاڻي تائين ترميم ٿيل) جي اسٽينڊرڊ آڇ دستاويزن تي خواهشمند آڇ ڏيندڙن/فرمن کان هيٺ ڏنل ڪمن جي لاءِ مهربند آڇون گهرائجن ٿيون.

سيريل	ڪم جو نالو	تعلقو	ڪٽيل لاڳت	PEC ۾ ڪيٽيگري رجسٽريشن	بڊ سيڪيورٽي	ٽينڊر فيس	تڪميل جو مدو
	اي ڊي پي اسڪيمز 24-2023			C-6	5%بڊ ڪال ڊپازٽ	3000	24 مهينا
1	تعلقي ڪپرو جي مختلف ڳوٺن ۾ عورتن جي ڪميونٽي هال جي تعمير	ڪپرو	1.800	C-6	5%بڊ ڪال ڊپازٽ	3000	12 مهينا
2	عيد گاہ/درگاہ شاہ محمود/درگاہ پير جي بائونڊري وال		4.400	C-6	5%بڊ ڪال ڊپازٽ	3000	12 مهينا
3	ڪپرو ۾ ڪميونٽي هال جي تعمير	ڪپرو	2.800	C-6	5%بڊ ڪال ڊپازٽ	3000	24 مهينا
4	اي سي/مختيارڪار آفيس سنجهورو جي بحالي/نواڻ	سنجهورو	3.800	C-6	5%بڊ ڪال ڊپازٽ	3000	24 مهينا
5	اي سي/مختيارڪار آفيس ڄام نواز علي جي بحالي/نواڻ	جي اين علي	3.800	C-6	5%بڊ ڪال ڊپازٽ	3000	12 مهينا
6	اي سي/مختيارڪار آفيس ڪپرو جي بحالي/نواڻ	ڪپرو	3.800	C-6	5%بڊ ڪال ڊپازٽ	3000	12 مهينا
7	اي سي/مختيارڪار آفيس سانگهڙ جي بحالي/نواڻ	سانگهڙ	3.800	C-6	5%بڊ ڪال ڊپازٽ	3000	24 مهينا
8	ڳوٺ منور حسين تعلقو ۽ ضلعو سانگهڙ ۾ سرڪاري ڊسپينسري جي تعمير	سانگهڙ	5.500	C-6	5%بڊ ڪال ڊپازٽ	3000	24 مهينا
9	ڳوٺ عبدالغفور لوڌي يوسي گجري تعلقو ۽ ضلعو سانگهڙ ۾ ويٽرنري ڊسپينسري جي تعمير	سانگهڙ	3.800	C-6	5%بڊ ڪال ڊپازٽ	3000	12 مهينا
10	تعلقي سانگهڙ جي مختلف ڳوٺن ۾ سي سي پيور جي تعمير	سانگهڙ	5.000	C-6	5%بڊ ڪال ڊپازٽ	3000	12 مهينا
11	يوسي جعفر خان لغاري تعلقو سنجهورو ۾ برڪ پيومينٽ ۽ موري جي تعمير (فيز_II)	سنجهورو	3.000	C-6	5%بڊ ڪال ڊپازٽ	3000	12 مهينا
12	ڳوٺ قاضي ڏٺي ڏنو پنهور يوسي ڪاهي تعلقو ڪپرو ۾ ميڊيڪل ڊسپينسري جي تعمير	ڪپرو	3.600	C-6	5%بڊ ڪال ڊپازٽ	3000	24 مهينا
	پروڊڪشن بونس فنڊس 24-2023						
13	درگاہ شريف پيرو ديهہ 46 جمڙائو تعلقو ڄام نواز علي ضلعو سانگهڙ ۾ سرڪاري ڊسپينسري جي تعمير	جي اين علي	6.500	C-6	5%بڊ ڪال ڊپازٽ	3000	12 مهينا

ٽينڊرز جا شرط ۽ ضابطا

2. آڇ دستاويز سمورن خواهشمند آڇ ڏيندڙن کي فرمن جي اصل ليٽر هيڊ تي هيٺ صحيح ڪندڙ ڏانهن لکيل لکت واري درخواست ۽ هرهڪ ڪم سامهون ڏيکاريل آڇ دستاويز فيس (ناقابل واپسي) جي ڪيش ادائيگي تي جاري ڪيا ويندا.
3. پروڪيورمينٽ جو طريقيڪار **سنگل اسٽيج ٿو انويپ**.
4. ڪانٽريڪٽر کي ٽينڊر دستاويز ۾ پنهنجي مڪمل ۽ درست موجوده ايڊريس ڄاڻائڻ گهرجي ۽ اگهہ ٻنهي اکرن توڙي انگن ۾ ڪوٽ ڪرڻ ڪپن. نامڪمل/شرطيا ٽينڊرز کي قبول نہ ڪيو ويندو.
5. نامڪمل/شرطيا آڇن تي غور نہ ڪيو ويندو ۽ سڌو سنئون رد ڪيون وينديون.
6. ٽينڊر کولڻ جي تاريخ تي سرڪار پاران عام موڪل جي اعلان جي صورت ۾ يا ڪنهن بہ سبب جي ڪري ڪم وارو ڏينهن نہ ٿيڻ جي صورت ۾ ورندڙ آفيشل ڪم وارو ڏينهن تي ٽينڊرز جي جمع ڪرڻ ۽ کولڻ جي تاريخ تصور ڪيو ويندو
7. پروڪيورنگ ايجنسي ايس پي پي آر اي رولز جي مطابق آڇ يا تجويز جي قبوليت کان اڳ ڪنهن بہ يا سڀني آڇن/ٽينڊرز کي رد ڪري سگهي ٿي.
8. هيٺ صحيح ڪندڙ يا پروڪيورمينٽ ڪميٽي جي ڪنهن بہ ميمبر جي ٽينڊر کولڻ جي ڏينهن تي غير حاضري جي صورت ۾ ٽينڊر پيهر ايندڙ ڪم واري ڏينهن تي ساڳئي وقت ۽ جڳهہ تي کوليا ويندا.

سيريل نمبر	تفصيل	پهريون دفعو	ٻيو دفعو
اي	آڇ دستاويز جاري ڪرڻ جي تاريخ	پريس ۾ اشاعت جي تاريخ ۽ ايس پي پي آر اي جي ويب سائيٽ تي هوسٽنگ کان 24_04_18 تي صبح جو 9:00 وڳي تائين ايگزيڪيوٽو انجنيئر بلڊنگس ڊويزن جي آفيس واقع گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج هاسٽل بلاڪ سانگهڙ ۾	24_04_25 صبح جو 9:00 وڳي
بي	آڇون جمع ڪرڻ جي تاريخ	ايگزيڪيوٽو انجنيئر بلڊنگس ڊويزن جي آفيس واقع گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج هاسٽل بلاڪ سانگهڙ ۾ 2024_04_18 تي صبح جو 10:30 وڳي	24_04_25 صبح جو 10:30 وڳي
سي	آڇون کولڻ جي جڳهہ وقت ۽ تاريخ	ايگزيڪيوٽو انجنيئر بلڊنگس ڊويزن جي آفيس واقع گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج هاسٽل بلاڪ سانگهڙ ۾ 2024_04_18 تي صبح جو 11:00 وڳي	24_04_25 صبح جو 11:00 وڳي

9. آڇ ڏيندڙ جي قابليت/اهليت جا معيار.

a. پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل سان لاڳاپيل ڪيٽيگري يا مٿي (جون 2023 تائين موثر) ڊسپلين ۾ آڇ اگهہ جي تناظر ۾ رجسٽريشن 4.00 (ملين) تائين جي اگهن وارن ڪمن جي پي اي سي لائسنس گهربل نہ آهي.
b. گذريل ٽن سالن جو لاڳاپيل تجربو (ڪمن جي فهرست ساڻ ليٽر آف ايوارڊ آف ورڪ ۽ برابر يا مٿي جي اگهہ جو تڪميل جو سرٽيفڪيٽ)
c. گذريل ٽن سالن ۾، درخواست ڏنل ڪم جي ڪٽيل لاڳت جو گهٽ ۾ گهٽ بہ دفعا سالياني جو ساليانو ٽرن اوور (سالياني رٽرنز ۽ آڊٽ رپورٽس مان ٽرن اوور جاچيو ويندو).
d. (ICAP) رجسٽرڊ آڊٽ فرم کان گذريل ٽن سالن جي سالياني آڊٽ ٿيل رپورٽ. (ICAP) رجسٽرڊ آڊٽ فرمن کان سواءِ ٻين فرمن جي جاري ڪيل آڊٽ رپورٽ قبول نہ ڪئي ويندي.
e. فيڊرل بورڊ آف روينيو (ايف بي آر) سان موثر رجسٽريشن ۽ گذريل ٽن سالن جي سالياني انڪم ٽيڪس رٽرنس
f. سنڌ روينيو بورڊ (ايس آر بي) سان موثر رجسٽريشن.
g. بڊ سيڪيورٽي 5% (پنج سيڪڙو) پاڪستان جي ڪنهن بہ شيڊيول بينڪ مان هيٺ صحيح ڪندڙ جي حق ۾ جاري ٿيل ڪال ڊپازٽ جي شڪل ۾ آڇ دستاويز جمع ڪرڻ جي وقت جمع ڪرايا وڃن.
h. اسٽيمپ پيپر تي حلف نامو تہ فرم ڪنهن بہ مقدمي بازي، ڊپارٽمينٽ ڊفيڙ، ڪم کي اڌ ۾ ڇڏڻ ۾ ملوث نہ آهي ۽ نہ ئي بلڊنگس ڊويزن يا ٻئي ڊپارٽمينٽ ۾ ڪنهن بہ ڪم جي تڪميل ۾ غير ضروري دير ۾ ملوث نہ آهي.
i. فرم کي اڳ ۾ سرڪاري، نيم سرڪاري يا خودمختيار باڊيز پاران ايگزيڪيوٽنگ ايجنسي طور بليڪ لسٽ ناهي ڪيو اهڙي قسم جو حلف نامو
j. حلف نامو جنهن ۾ پارٽنرز/پارٽنرشپ ڊيڊ ساڻ ڊائريڪٽر/پروپرائيٽرز سان مڪمل معلومات ساڻ پاور آف اٽارني/سول پروپرائيٽرز
k. اسٽيمپ پيپر تي حلف نامو تہ آڇ ڏيندڙ/فرمن پاران جمع ڪرايل ڄاڻ درست آهي.

INF/KRY.No.909/24

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
بلڊنگس ڊويزن، سانگهڙ

پڙهندي سنڌ تہ .... وڌندي سنڌ